# مهراڻ

١٩٨٧/١ع



جامع مسجد، خدا آباد، دادو


سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

1400
20.6.87
LIBRARY
Institute of Sindology
University of Sind Jamshoro Sind



جناب سيد غوث علي شاهہ صاحب

وزير اعليٰ سنڌ.

جنهن صاحب جي ذاتي توجهہ ۽ دلچسپيءَ سان سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ کي خصوصي فروغ حاصل ٿيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي سالانہ گرانٽ (٢٢ لک) ۾ ٻن لکن جو تازو واڌارو شاهہ صاحب جي علم پروري ۽ ادب نوازيءَ جو هڪ وڏيک خوشگوار مثال آهي.

سنڌي ٻوليءَ ادب جو محسنِ اعظم

## شمس العلماء مرزا قليچ بيگ رح



(قليچ سنگت حيدرآباد، مرزا صاحب جي ياد ۾ ١٢ - ١٣ مارچ ١٩٨٧ع تي عظيم الشان "قليچ انٽرنيشنل ڪانفرنس" منعقد ڪئي).

- خاص مضمون ص ١٠٩ پڙهندا -

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٦] [نمبر ١

جنوري، فيبروري ۽ مارچ

١٩٨٧ع

---

•

نگران

**علامه غلام مصطفيٰ قاسمي**

**ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو**

**معمور يوسفاڻي**

•

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

# مـهـراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 36, No: 1, 1987.
[Established in 1955]


- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:
  Nafees Ahmad Shaikh
  Editor 'Mehran', Quarterly,
  Sindhi Adabi Board,
  @ Jamshoro, Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
  Tel: (0221) 71176
- Can be had from:
  Manager Book stall
  Sindhi Adabi Board, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.
  Tel: (0221) 24264

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٤٢٦٤)

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ساليانو چندو: ٧٥-٠٠ رپيا    في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Hyderabad Sind.

ويا سي وينجهار، هيرو لال ونڌين جي
(لطيف)



سنڌ جو بي مثل صاحبِ قلم

# پير علي محمد راشدي

ولادت:
۵ - آگسٽ ۱۹۰۵ع

وفات:
۱۴ - مارچ ۱۹۸۷ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# گـــذارش

( ايڊيٽوريل )

## پير علي محمد راشدي جو انتقال پُرملال

سنڌي ٻوليءَ جي بي مثل ويڄهار پير علي محمد شاهه راشدي ١٤- مارچ ١٩٨٧ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. انالله وانااليه راجعون.

سنڌي ادب ۾ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جهڙي ڪلاسيڪي تصنيف جي خالق پير صاحب ٻولي، ادب، صحافت ۽ سياست جي ميدانن ۾ جيڪي لشان ڇڏيا آهن، سي لافاني آهن. پير صاحب مرحوم سنڌي صحافت جي بنيادي معمارن مان هو ۽ سنڌي ادب کي ترقي وٺائڻ وارين ڪوششن ۾ ٻهرينءَ صف جي ممتاز عالمن مان هو. سياست ته پيرصاحب جي سڃاڻ هئي ۽ تحريڪ آزاديءَ جي ممتاز ڪارڪنن ۾ سندس شمار هو. قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ سندس خدمتن کي هڪ قدر لائق مقام حاصل آهي. پيرصاحب جي سياسي، صحافتي، علمي ۽ ادبي خدمتن جو سلسلو ايڏو ته وسيع آهي، جو ان کي ڪنهن ضخيم ڪتاب وسيلي ئي اجاگر ڪري سگهجي ٿو، پر سنڌي ٻوليءَ جي بي مثل اهل قلم جي حيثيت ۾ سندس ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ کي سنڌي ادب ۾ هڪ جاودان مقام حاصل آهي ۽ رهندو. پيرصاحب مرحوم جو اهو ڪتاب، ٽن ڀاڱن ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو ۽ جيستائين سنڌي ٻولي قائم آهي، پيرصاحب جي ان تصنيف جي حوالي سان سندس نالو چمڪندو رهندو.

پير علي محمد شاهه راشدي ٥- آگسٽ ١٩٠٥ع تي، لاڙڪاڻي ضلعي جي بهمڻ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سنڌ جو قابلِ فخر مورخ ۽ عالم مرحوم پير حسام الدين راشدي، سندس ننڍو ڀاءُ هو. سندن خاندان جو سلسلو حضرت سيد محمد راشد رح سان ملي ٿو. سندن ڏاڏو سيد پير شاهه راشدي، سنڌ جو هڪ وڏيءَ حشمت ۽ ڏيا وارو بزرگ هو، جنهن جي زيرسايه، ٻنهي ڀائرن جي تربيت ۽ پرورش ٿي. ننڍي هوندي، تعليم پنهنجي گهر ۾ ئي حاصل ڪيائين، ڪنهن به اسڪول يا ڪاليج ۾ پڙهائيءَ جو مرحلو پيدا نه ٿيو. پنهنجي غير معمولي ذهانت سان پيرصاحب، مختصر تعليم وسيلي اهو ڪجهه حاصل ڪري ورتو، جيڪو يونيورسٽين جي اعليٰ تعليم جي حاصلات کان پوءِ مس ميسر ٿي سگهندو آهي.

ابتدائي عمر ۾ ئي صحافت سان دلچسپي پيدا ٿيس ۽ ڪاغذ، قلم ۽ ڪتاب کي زندگيءَ جو مقصد بنايائين. اوائل ۾ ”الراشد“ نالي اخبار جاري ڪيائين ۽ بعد ۾ سکر مان ”سند زميندار“ ۽ ”ستارهٔ سند“ نالي مشهور زماني اخبارن جو ايڊيٽر رهيو. اڳتي هلي ڪراچيءَ ۾ ”قرباني“ اخبار جو ايڊيٽر بنيو ۽ هڪ مرحلي تي ”مسلم وائس“ نالي پنهنجي انگريزي اخبار ڪڍيائين. ١٩٤٩ع کان ١٩٥٢ع تائين مشهور انگريزي اخبار ”سند آبزرور“ جو ايڊيٽر ٿيو. صحافت ۾ پيرصاحب ايڏو ته بلند مقام حاصل ڪيو، جو پاڪستان نيوز پيپرس ايڊيٽرس سوسائٽي جو صدر منتخب ٿيو ۽ انڊيا-پاڪستان جائنٽ ايڊيٽرس ڪميٽيءَ جو صدر بنيو. لياقت نهرو معاهدي جي موقعي تي، پيرصاحب جي ئي سربراهيءَ ۾ صحافين جو وفد هندستان ويو هو. مرحوم، ١٩٥٣ع ۾ سند اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ مرحوم عبدالستار پيرزاده جي ڪابينه ۾ روينيو وزير مقرر ٿيو. ١٩٥٤ع ۾ خانبهادر کهڙي جي ڪابينه ۾ نائب وزيراعليٰ ۽ وزير روينيو ۽ صحت جي حيثيت سان شامل رهيو. آگسٽ ١٩٥٥ع ۾ چوڌري محمدعلي جي ڪابينه ۾ پاڪستان جو اطلاعات ۽ نشريات جو مرڪزي وزير مقرر ٿيو، جتان ١٩٥٦ع ۾ چندريگر سان گڏ استعفا ڏنائين. ١٩٥٧ع ۾ پيرصاحب کي فلپائين ۾ سفير مقرر ڪري موڪليو ويو، جتي ١٩٦١ع تائين خدمتون انجام ڏنائين. حڪومت فلپائين، پيرصاحب کي پاڪ-فلپائين تعلقات جي سلسلي ۾ اعليٰ خدمتون سرانجام ڏيڻ ڪري پنهنجي ملڪ جو اعليٰ سول اعزاز ڏنو. ١٩٦١ع ۾ چين ۾ پاڪستان جو سفير مقرر ٿيو، جتي ١٩٦٣ع تائين عمديون خدمتون بجا آندائين. ان دوران پاڪ-چين سرحدي معاهدي کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ نمايان ڪوششون ڪيائين. ١٩٧٢ع کان ١٩٧٧ع تائين وفاقي وزارت اطلاعات و نشريات ۾ مشير جي عهدي تي رهيو. مرحوم پيرصاحب ١٩٦٣ع کان وٺي روزاني جنگ ۾ مڪتوب مشرق بعيد جي عنوان سان هفتيوار ڪالم شروع ڪيو ۽ بعد ۾ مشرق و مغرب جي عنوان سان آخر وقت تائين تسلسل سان ڪالم لکندو رهيو. سندس ڪجهه ڪالمن جو مجموعو ”رودادِ چمن“ نالي سان شايع ٿيو.

مرحوم پير علي محمد شاهه راشدي هڪ بي‌مثل صاحبِ قلم، هڪ ممتاز سياستدان، هڪ ڪامياب سفارتڪار، هڪ صلاحيتمند صحافي جي حيثيت ۾ پرنور زندگي بسر ڪئي ۽ بذات خود صحيح معنيٰ ۾ تاريخ جو هڪ دؤر هو، جنهن جي پڄاڻي ١٤- مارچ ١٩٨٧ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿي. سندس مطالع نهايت وسيع هو ۽ دنيا جهان جي سيني علمن ۽ فنن جو مجموعو هو. مرحوم پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل ادارو هو، جنهن جي پايه جا انسان صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. سند ۽ پاڪستان جي سياسي تاريخ جا هزارين دفتر، سندس دل تي نقش هئا ۽ پاڻ پنهنجي ڪالمن وسيلي ان کي اجاگر ڪندو رهندو هو. پيرصاحب هڪ بي‌انتها ذهين انسان جي حيثيت ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو، جهڙس انسان، سندس پنهنجن لفظن ۾ ”قدرت جي ڪارخاني مان روز روز پيدا ڪونه ٿيندا آهن.“

# سرورق

## جامع مسجد خدا آباد، دادو

نامور ڪلهوڙي حڪمران، ميان يار محمد خان، دادو ضلعي ۾ "خدا آباد" مرڪز جو بنياد رکيو ۽ جيئن خاندان ترقي ڪندو ويو، تيئن مرڪز جي رونق، آرائش ۽ حسن ۾ به اضافو ٿيندو رهيو. ميان غلام شاهه جي دور تائين خدا آباد جي عظمت ۾ ڪوبه فرق نه آيو. عبدالنبيءَ جڏهن مير عبدالله خان ٽالپر ۽ مير فتح خان ٽالپر کي قتل ڪرايو، تڏهن ٽالپرن انتقام جي جوش ۾ اچي خدا آباد تي حملو ڪيو. هنن شهر کي لٽيو ۽ جاين کي باهه ڏئي ڇڏي. اهڙيءَ طرح ١٧٨١ع ۾ خدا آباد جو شهر تباهه ٿي ويو.

هينئر خدا آباد ۾ فقط ٻه جايون بچيل آهن: هڪڙي جامع مسجد ۽ ٻيو ميان يار محمد خان جو مقبرو.

جامع مسجد اڄ به موجود آهي، جيتوڻيڪ پوڻا ٻه سؤ سال گذري چڪا آهن. باغ علي خائف، "نامهٔ نغز" ۾ لکيو آهي ته "جڏهن هيءَ مسجد جوڙي ويئي، ته منجهس نقاشيءَ جو ڪم نهايت عمدو ڪيو ويو. قبو ايترو بلند نهرايو ويو، جو آسمان سان وڃي مليو. چنساليءَ جي ڪم ۾ شنگرف گهڻو استعمال ڪيو ويو. هن کي بيت المقدس ته نٿو چئي سگهجي، پر آتي هر وقت ذڪر ٿيندو رهي ٿو. نحو ۽ صرف جا استاد، عربيءَ جي تعليم ۽ تدريس ۾ مشغول آهن. صحيح بخاري پڙهائي وڃي ٿي. حافظ قرآن جي تلاوت ڪندا رهن ٿا، ۽ ذاڪر تسبيح ۾ مصروف آهن."

هينري ڪوزنس جي بيان مطابق "هيءَ مسجد ميان يار محمد خان ڪلهوڙي ٺهرائي هئي. هن جا ٻه حصا هئا: هڪڙو اسي فوٽ ڊگهو ۽ ايڪيهه فوٽ ويڪرو، ۽ ٻيو اسي فوٽ ڊگهو ۽ پنجويهه فوٽ ويڪرو. اڳاڻي چوٽيهه فوٽ هئي. ٻاهرئين دروازي تي، ٻنهي پاسن ڪاشيءَ جو نهايت دلاويز ڪم ٿيل هو. چنساليءَ جي ڪم ۾ هن ڪان اڳ تڪلف ۽ بناوت ڪان ڪم ورتو ويندو هو: ميان صاحب انهيءَ پراڻي طريقي کي ترڪ ڪري نئون طريقو اختيار ڪيو ۽ مسجد ۾ جيترو به ڪاشيءَ جو ڪم ڪرايو، ان جي اصليت جي شان کي قائم رکيو."

تاريخ ڪلهوڙا، حصہ ٢ (ص ٩٢٣-٩٢٤)

[سلائيڊ: بشڪريه شاهنواز بابر سومرو، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي، ٽنڊو آدم.]

"جو ڪلام مستقبل تي روشني وجهندڙ ۽ ترقيءَ لاءِ ايندڙ نسل کي آڀاريندڙ آهي، صرف اهوئي ڪلام قائم رهندو ۽ جٽاءُ ڪندو، باقي پيو سڀ بيسود هئڻ سبب ميٽجي ويندو."

—علامہ آءِ. آءِ. قاضي

# شاعريءَ جو پاڳو

"... هڪ ڳالهه هيءَ بہ تہ صاف آهي تہ جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دور
جو نئون زنده ادب نہ هوندو، تہ اسين پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان
ڇڄي ويندا سون. جيستائين اسين ادب جي اوسر جو هيءُ سلسلو قائم نہ
رکنداسين، تيستائين اسان جي ماضيءَ جو ادب بہ اسان کان جيئن پوءِ تيئن
هٽندو ۽ پري ٿيندو ويندو، تان جو آهو اسان لاءِ اجنبي ٿي ويندو—
جيئن ڪنهن ٻيءَ ڌارينءَ قوم جو ادب؛ ڇو تہ اسان جي زبان بدلجندي
رهي ٿي، ۽ اسان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو نمونو، اسان جي ماحول ۽ بدلجندڙ
مادي حالتن جي اثر ۽ دٻاءَ سبب، هر وقت ۽ هر طرح بدلجندو رهي ٿو؛
۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن اسان وٽ ڪي اهڙا ماڻهو نہ آهن، جيڪي پنهنجي
غيرمعمولي احساس ۽ شعور ڪي، لفظن تي غيرمعمولي قدرت رکندي،
ظاهر ڪرڻ ۽ پختگي بخشڻ جي صلاحيت رکندڙ هجن، تہ ان صورت ۾ نہ
فقط اسان جي پنهنجي اظهار جي صلاحيت، بلڪ خسيس کان خسيس محسوسات
جي، ٻيءَ ڪنهن شيءَ جي محسوس ڪرڻ جي طاقت بہ ليست ۽ نابود
ٿي ويندي..."

—ٽي. ايس. ايليٽ

(شاعريءَ جو سماجي ڪارج)



مخدوم محمد زمان طالب المولي

## (نعتيه ڪلام)

اي شفيعِ روز بيم اي رحمت للعالمين
اي خوفناڪ ڏينهن (قيامت) تي شفاعت ڪندڙ ۽ تون هر جهان لاءِ رحمت

چشمهٔ دريا قياس و تو سراج السالڪين
اي عقل ۽ قياس جي درياهه جا چشما، اي سالڪن جا چمڪندڙ شمعدان

سيد المتعظمين و سيد المتواضعين
اي عالي مرتبن وارن جا سردار ۽ نيازمندن جا اڳواڻ

سيد المتقابلين و سيد المتدبرين
اي سڀني لبن جا سردار ۽ عقل مندن جا سرواڻ

سيد المتاخرين و سيد المتقدمين
اي پوين جا سرگروهه ۽ جملي اڳين جا سردار

سيد الڪونين آقا اي سراج العارفين
اي ٻنهي جهانن جا والي، آقا، اي عارفن جي راهه جي شمع

احمدِ قوسين مڪان و عذر خواهِ عاصيان
اي احمد قاب قوسين جا صاحب، اي گنهگارن لاءِ معافي گهرندڙ

شهسوارِ ملڪ هستي يا شفيع المذنبين
اي ساري ڪائنات جا سپه سالار، اي گنهگارن جا شافع

حاڪمِ ڪشور ڪفايت قبلهٔ دورِ جهان
اي ڪافي هئڻ جي ولايت جا حاڪم اي جهان جي هر دور جا قبلہ

شاهِ تختِ ڪائنات و سيد المتصدقين
اي ڪائنات جي تخت جا تاجدار ۽ سچن جا سائين

اي شفاعت خواه ڪار افتادگان شاهِ خرد
اي گنهگار بندن جا سفارش گهرندڙ اي عقل جا بادشاهہ

توئي شرفِ دو جهان و سيد المتفاخرين
ٻنهي جهانن جا سينگار ۽ سڀني سردارن جا سرخيل

طالب المولیٰ بخواهد پرده پوشي از گناه
طالب المولیٰ عرضدار آهي، منهنجي هر گناه تي پردو ڏي

سيد المستغفرين و سيد المتورعين
توبہ ڪندڙن جو سردار آهين ۽ پرهيزگارن جو مهندار آهين

(فارسي ۽ م)

## تنوير عباسي

ٻسنت جهـڙو سهڻن جنهن جـو،
ڳـڦـو ڳـڦـو ڳـل.
سورڪ ساهين ٿـا موتين سان،
تنهنجي سرڳ جو مل.
سونهن هاي آ منهنجي ڳيتن جـي،
جهـولـيءَ ۾ جهل.
سانت هـيا سپ ساز سڪر هئو،
هٻڪارن جـو هل.
هاڻو ٻتن سان ٻيـار ڪريون ٿـا،
ڪاڻر آهيون ڪل.

## امداد حسيني

چا چا لـ ـ مليو آهي ٻيار ۾،
ڪجهه ٻـُور مليا،
ڪجهه ٻـُور مليا،
واهه جو وِرهه مليو وهنوار ۾.

دل جي ڪوري ڪاڳر تي مون توکي من جو ميت لکيو،
اڻن ٻاسيو ڪنهن شاعر ڪوئي مـڌر رسيلو گيت لکيو،
مـن مـيـت مليو،
هڪ گـيـت مليو،
چا چا لـ ـ مليو آهي ٻيار ۾!

خالي خالي هـو هرمنظر، هرمنظر کـي هڪ رنـگ مليو،
ڪجهه لڙڪ مليا ڪجهه مـُرڪ ملي، جذبن کي آهنگ مليو،
هڪ رنـگ مليو،
آهـــنـگ مليو،
چا چا لـ ـ مليو آهي ٻيار ۾!

"سليم" ڳاڙهوي

## چا آهي

حال جي ڳالهه ڪري، هول جو هوڪو آهي،
سُور هر وقت سچن، ٻُور ڀروڪو آهي.

ٿوهر کي ٿوهر چوڻ گهرجي، نه ڪدرو آهي،
پنهنجو پنهنجو نه، پرائو به پرائو آهي.

هڪڙي داناءَ سندو قول به نُڪتو آهي،
جو ڪلي خلق مٿان، خُوب سو ڪوڙو آهي.

چا ڪجي چا نه ڪجي ڪير سُڻائي ڪنهن کي،
داستان درد جو انسانَ ڪان لمبو آهي.

وات ونڊي چيو هڪ اهلِ نظر حيرت مان،
هن سچي شهر ۾ انسانُ ته ڪو ڪو آهي؟

حال جو حال پريان نال ڪان ٿو روئي،
ساهه ۽ سر ۾ سدا سُور ۽ صدمو آهي.

ڳالهه ڪنهن جي نه ڪُٺن جهڙي نه ڳائڻ جهڙي،
قول ڪنهن جو نه ٻئيو لوهه تي ليڪو آهي.

سچ جي پيڙي جا لُڏي پئي، پُڏي ڪين ڪڏهن،
سچ چوڻ سان ٿو لڳي مچ، هي ڀڀاڪو آهي.

پنهنجو ئي پيٽ ته پنهنجون ئي مُڪُون چا چنجي،
پنهنجي ئي پير تي پنهنجو ئي ڪُهاڙو آهي.

بخت الله جي وس، سيت مگر پنهنجي وَس،
جو به گهر ڪان ٿو رُسي، مرد سو ڏوڏو آهي.

لعلُ ليڊ ۾ ته لڪائڻ تي لڪي ٿو مُشڪل،
ليڪن اڄ ڪوڏ کي ڀڻ سون جو چمڪو آهي.

ڪهت شريف آهِ، ڪهڙو زور ڪيڙو اڄڪلهه،
لٽ رهي جنهن جي، انهيءَ جو ڏيو ڳابو آهي.

پنهنجي هالدي ٿو پيو ڏار هلائي هرڪو،
ديس ۾ رنگ سياست جو نرالو آهي.

قافلي وارا ڇڄي، واٽ وڃائيندا ويا،
پاسبان جو نه پتو، ڳاڪ نه ڳالهو آهي.

ويچ وينجهار ويا، مرد مڻيادار ويا،
سور جي ماڪ مٿي ڪانگ جو ڪرڪو آهي.

اختلافن ۾ اچا قدم رکي ٿو ٿاٻو،
مولويءَ کي به مليو ويهر جو ورثو آهي.

ڪُوڙ کي سچ ٿا چون، سچ کي چون ڪُوڙ آهي،
جِت ۽ ڪِٽ تي چڙهيل سون جو پردو آهي.

پنهنجي پاڇي کي نهاري ٿو سدائين سڀ ڪو،
دُور جي چيز ڏسڻ لاءِ چبڙو ڪو آهي.

ظُلم ڪنهن تي ٿو ٿئي خَلق ڏسي پئي،
حيفُ، مظلوم ۽ مجبُور تماشو آهي.

ڇا ڪجي ڇا نه ڪجي، ڪوءِ نه آهي ڪنهن جو،
فرش ڳُونگو ٿي پيو، عرش به ٻوڙو آهي.

حرص جا ڪوٽ نهي ڪين ٿين ٿا پورا،
ستو وَره بعد به انسانُ اڌورو آهي.

صبح ٿيندو پيا نه ٿيندو هي خدا ئي ڄاڻي،
سج مٿي آهه، مگر سرس انڌيرو آهي.

خاڪسارن کي خسارو ئي خسارو اڄڪلهه،
جو وڏائي ٿو ڪري سو ئي وڏيرو آهي.

نقد دل جو هُجي يا نقد وفا جو، ليڪن،
پر ۽ بازار ۾ آزار جو سودو آهي.

خلق سان خُلق جي سرهاڻ سراسر غائب،
نوجوانن جي دماغن ۾ ڌماڪو آهي.

لهڻ نادار جا منجهر جي مِثل تر آهن،
هيٺ زردار جو دوزخ جو ڪو طبقو آهي.

آءِ "سليم" اڄ به سُخنور نه سنواريو سچ کي،
شعر جي تانوَ ۾ "چُون چُون جو مُربو" آهي.

## احمد خان "آصف" مصراڻي

### غزل

سُھڻيون سڀ، سُھڻن جون ڳالهيون،
سيبائيون، سڄڻن جون ڳالهيون.

مٺڙا مٺڙا ٻول مٺن جا، ماکي ۽ مصري جون ڳالهيون.
چهرا، چنڊ کنان وڌ چهرا، ناز ڀريون نيڻن جون ڳالهيون.
لاڙ سچو چانڊي جان چمڪيو، ويهي ڪر وڻن جون ڳالهيون.
ٿر ۾ ٿوهر ٽڙيا ڦُلڙا، پاڻ ۾ پوپٽن جون ڳالهيون.
چار جبل تي بادل برسيا، ٻارس جيئن ٻهڪڻ جون ڳالهيون.
سارنگ هاڻ سياروَن مُڪيون، سارڻ ٿيون مٺڻ جون ڳالهيون.

"آصف"! شهر ۾ شور شرارت،
وڻندڙ ٿيون وڻن جون ڳالهيون.

## نوازعلي شوق

### غزل

اهان وٽ هميشه زمانو ڏکن جو،
اوهان وٽ رهيو آ بهانو ڏکن جو.

لکن منجهه لائق اهان کي نه سمجهي، مقدر ڏنائو نشانو ڏکن جو.
مکن جا ٿيا ساٿي کهڻائي هئا پر، پڇي ويا پڇي سڀ فسانو ڏکن جو.
ٿيا سور سولهان، دکن درد دوهان، هي دل ٿي وئي آستانو ڏکن جو.
لکيل آ مقدر ۾ منهنجي محبت، ازل کان ڳچيءَ ۾ آ ڳانو ڏکن جو.
لتاڻان ٿيو ڳوڙهن جا مان لعل و گوهر، مليل آهي مون کي خزانو ڏکن جو.

رلي رات، سڏڪا ڀريا ٿي ستارن،
جڏهن مون ٻڌايو فسانو ڏکن جو.

## عبدالقيوم صائب

### غز

هڪ ڪري جنهن لئه ڇڏيو تو ڏينهن رات،
تنهن اڀو آهي ڪيو تو لاءِ ڪات.

جنهن سان تنهنجو آهه ناتو نينهن جو،
تنهن ۾ ڪهڙجي جا هئڻ، سا ناهه ٻات.

اي خيالِ خوبرو، تنهنجو قسم،
مون ڏٺيون تو ۾ فقط اعليٰ صفات.

ياد تنهنجي سا ڪهڙي رهجي وئي،
جنهن ۾ سورن کان ملي ٿي ڪا نجات.

صبح سورن جي سهڻ آڏو اٿس،
سور سي، جن ٿي ڪئي تڪميلِ ذات.

تنهنجو اڄ مون کي ڇڏي هليو وڃڻ،
آهه ڪا، ڪنهن جي ڪمن جي واردات.

ڪين لهه يارو، پرغلاني ٿا ڇڏين،
ڪنهن دلِ معصوم کي اهل صفات.

تو ڏني ترجيح جنهن کي، سو ڏٺئه،
ڪين لهه ڇتاني هيو لات و منات.

هر قدم، سمجهي کڻ، وس ۾ لهه هو،
ڇو لهه الجهي پوءِ پون ڪيٽي لڪات.

ضد اپڏو ڪر زماني سان مٺا،
جنهن ۾ خود رهجي اچي تنهنجي ئي ٻات.

يا الاهه العالمين! منهنجي په پڏ!
اهڙو ڪم ڪر، جاڻ دشمن کائي مات.

تو وساري ٿي ڇڏيو هوندو ته ڇا!
ياد صائب کي ته آهين ڏينهن رات.

# نور شاهين

•

دهار زيست ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪر،
نئون حيات جو اهڙو نظام پيدا ڪر.

سحر ڏيڻ جي وسائل سان ڪين ٿي سگهندو،
سحر جي لاءِ نئون اهتمام پيدا ڪر.
غبار راهه پڌائي ٿو قافلي جو نشان،
قدم وڌاءِ رسي پنهنجو نساءُ پيدا ڪر.
طلسم فتنه کي ٽوڙي وڌي وڃون اڳتي،
اهاڻي دل ۾ طلب صبح و شام پيدا ڪر.
نه ٿيندو ڪفر سان سود و ڪڏهن مسلمان جو،
تون لااله چشي هم ڪلام پيدا ڪر.
متان ضرور نه رسائين تنهنجي عظمت کي،
تون حادثن سان سلام و ڪلام پيدا ڪر.
سجاڳ ٿي نه سگهئين تون پڌي اذان سحر،
تون غفلتن کي ڇڏڻ لئه نظام پيدا ڪر.
ڪري جو موت کان اڳ موت کي نه ماري فنا،
قفس ڪو اهڙو، ڪو اهڙوئي دام پيدا ڪر.
نشي جو ليٽ لهوڙي جفا جي راوڻ کي،
وفا سان پنهنجي تون اهڙو ڪو رام پيدا ڪر.
نشي جو صور ۾ خوابيده پيار جاڳائي،
تون پنهنجي ماٺ سان شور پيام پيدا ڪر.
مئي وفا جون ازل کان وهن پيون نهرون،
تراش ڪاسه دل کي ۽ جام پيدا ڪر.
در حبيب تي سجده لٽائي، سڀ پنهنجا،
وفا جي راهه ۾ تون پنهنجو نام پيدا ڪر.
جهان عشق ۾ "شاهين" بلند رتبي لئه،
سو روز و شب ۾ اها صبح و شام پيدا ڪر.

## تاج بلوچ

### گيت

منهنجا خط تصويرون،
گيت غزل ۽ تحريرون،
سڀ ياد ڪري تون روئندينءَ،
مون کي ياد ڪري تون روئندينءَ.

جيئون سوچون سپنا،
وکري وکري ويندا،
ڪي عڪس نه باقي بچندا،
سڀ ياد ڪري تون روئيندينءَ.

منهنجون آهون واڪا،
ٻولارن ۾ پڙندا،
تو لئه مون جيڪي گيت لکيا:
سڀ ياد ڪري تون روئندينءَ.

منهنجا قصا هوندا،
گلي گلي ۾ چرچا هوندا،
ماڻهو توکان پڇندا،
سڀ ياد ڪري تون روئندينءَ،

## ولي محمد "وفا"

### غزل

مان زيرِ خاڪ پيو ڪنهن جو ڪرم محسوس ڪريان ٿو،
هي پنهنجي قبر تي ڪنهن جا قدم محسوس ڪريان ٿو.

ڪو پنهنجن مان ئي پڪ هوندو، هتي غيرن جو ڇا آهي،
درِ زندان ڏي ڪنهن جا قدم محسوس ڪريان ٿو.

مقدر دوستو ناهي، مسرت ڪا زماني جي،
سدائين بخت ۾ رنج و الم محسوس ڪريان ٿو.

شبِ هجران ڪڏهن گذري، ڪڏهن روشن ٿيا ميخانا،
مقابل ڪنهن کي هي اي چشمِ نم محسوس ڪريان ٿو.

ٻڌايان مان وڃي هن کي "وفا" رودادِ غم ليڪن،
هو غافل ڪين ڪي آهي صنم محسوس ڪريان ٿو.

## غزل

سردارِ دو جهان، شهہِ شاهان جي ڳالهه ڪر،
بس، بي نظير سُونهن جي سلطان جي ڳالهه ڪر.

جانِ غزل جي چشمِ غزالان جي ڳالهه ڪر،
ڪيفِ نظر جي، شربتِ عرفان جي ڳالهه ڪر.

دلبر هلي ته نازو خرامان جي ڳالهه ڪر،
بيهي رهي ته سروِ گلستان جي ڳالهه ڪر.

پردو کڻي ته نيّرِ تابان جي ڳالهه ڪر،
نورو کلي ته صبحِ درخشان جي ڳالهه ڪر.

گذري وڃي ته حسرت و ارمان جي ڳالهه ڪر،
ترسي پوي ته عيدِ فروزان جي ڳالهه ڪر.

مهربانين هُن جي ناوڪِ مژگان جي ڳالهه ڪر،
۽ پوءِ منهنجي هن دلِ نادان جي ڳالهه ڪر.

جنهن جڳ سڄي کي عشق ۾ مجنون ڪري ڇڏيو،
اُن خوبرو جي زلفِ پريشان جي ڳالهه ڪر.

دلدار جي لبن جو ڪرين ذڪر تو اگر،
تشبيهه طور لعلِ بدخشان جي ڳالهه ڪر.

گل غنچه ۽ نبات مثل وات ٿو لڳي،
شيرين زبان جي لطف لعابان جي ڳالهه ڪر.

حيران ٿي نه حسنِ خدا داد کي ڏسي،
اي ديندار قدرتِ يزدان جي ڳالهه ڪر.

حُور و قصور و خلعتِ پرين ڪير ٿو ڪري؟
جنت جي ڳالهه ڇڏ، درِ جانان جي ڳالهه ڪر.

"مدهوش" پهچ پاڻ محبت جو پار سان،
تون تون جي ڳالهه ڪر لڪي ماڻ مان جي ڳالهه ڪر.

## ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

### دوها

آپ ۾ ڪيئن ٿئي انڌلٺ ريکا، ٻادل اڳ نہ هوءِ،
لوچ ٻناڻ ڪيئن ڪارج واري، ماجن سوچ سندوءِ.

سوچ تہ ماجن اڪ جي ماکي، سڀ لئي سولي سا،
ٻر امرت ڌارا ڪو ڪو ماڻي، لوچ ڇون ٿا جا.

جڳ جڳالڊر جنم جنم ڪان، جيوت جيوت جوت،
هيءَ حياتي محبت ماڻي، انڌي انڌي اوت.

بخت نہ تو ۾ تخت نہ تو ۾، توهه ني سڀ ڪجهه تون،
جيڪو چاهين ٻوڪي لڌين، تو اندر ٻاهر پون.

هي کهڙيءَ کهڙيءَ ٿا کهائن، آهن ليڪ لشيلا جي،
وري وري ڏيون جيءَ جيارن، دليون ڏس ڪي ڪي.

ٻند ڪر ٻنهنجا ليڪ لشيلا، کول اکيون، دل کول،
ٻاڻهي انڌهه من جو مالڪ، تون ٻاڻ تہ ٻنهنجو کول.

ڪير تون آهين؟ سڀ ڪجهه لاهين، آهين، لاهين ڪرهه،
جيا لشي تو ۾ لو ڏرتيءَ تي هين هي اپ آتوهه.

## ج.ع. منگهاڻي

### ٽراگيل

هلو! خوشبوءِ جو ٻچو ڪريون ڪنهن-در تي ڪڙڪائي
اسان جا آسري ۾ ٿيا سيئي ٻڙ ٻانگ اوتارا
سمورن ٻي حسن کي تي هميشه ٿي هو ڪر لائي
هلو! خوشبوءِ جو ٻچو ڪريون ڪنهن-در تي ڪڙڪائي

اڇو! ڪنهن ٻي ٻهاي ڪيس آليون ٻاڻ ٻرچائي
هوا ٿڄي کهنا ٿڄي ٻا ٿڄي چنڊ ۽ تارا
هلو! خوشبوءِ جو ٻچو ڪريون ڪنهن-در تي ڪڙڪائي
اسان جا آسري ۾ ٿيا سيئي ٻڙ ٻانگ اوتارا

## رحيم بخش "قمر"

### ڪافي

عشق نہ آهي عذاب،
نينهن خدا جي نعمت آهي!

عشق آ رهبر، عشق آ راحت،
عشق الستي آهي امانت،
عشق برهہ جو باب!
نينهن خدا جي نعمت آهي!

نينهن "ذبيح الله" نيايو،
ڪاتيءَ سان ٿي ڪنڌ ڪٽايو،
خوب خليل جو خواب!
نينهن خدا جي نعمت آهي!

موسيٰ "ڪليم الله" پڪارو،
ليڪن ڏٺو جنهن، نيهن نظارو،
طور نہ جهليو تاب!
نينهن خدا جي نعمت آهي!

سيون ڏيئي سورهيہ سڄڻ،
"قمر"! ڪُسڻ ڪي قرب تا سمجهن،
سوريءَ چڙهڻ ثواب!
نينهن خدا جي نعمت آهي!
عشق نہ آهي عذاب!

## وفا ناٿن شاهي

### غزل

صحبتون وڃنديون ويون،
قربتون وڃنديون ويون.

ٽانگ ديڳن جي مٿان،  دولتون وڃنديون ويون.
زر پرستن جو جنون،  غربتون وڃنديون ويون.
هر طلب مطلب پرست،  لفرتون وڃنديون ويون.
واسطا گهٽبا رهيا،  حسرتون وڃنديون رهيون.
جهڙن چراغن سان چراغ،  چاهتون وڃنديون ويون.
محبتن جا معجزا،  راحتون وڃنديون ويون.

شاعري بيغمبري،
قدرتون وڃنديون ويون.

**نثار بزمي**

## ڪربلا

زمانو بي وفا آهي،
نه ليت جو صفا آهي.

وسايو مون آ ويرانو، مقام هي ئي رضا آهي.
نه ڪوئي رازدان پنهنجو، نه ڪوئي همنوا آهي.
وفا جي موٽ ڇوٽ آهي، دَٻا ڪانهي دغا آهي.
ڪرڻ وارا اسين آهيون، ڏسڻ وارو خدا آهي.
هٿي لمرو تو نفرت جو، ڇون لڳا پارسا آهي.
چڙهي ٿي عقل تي اوندهه، قلم تي ڪربلا آهي.
محل آ ڪاک جو دنيا، اتو جانان ته ڇا آهي،
محبت آ گناهه "بزمي"،
ڏکي ان جي سزا آهي.

**مهر پروين**

## غزل

تو ڇاجي ڪري بي وفائي ڪئي؟
رکي قلب ۾ ڪج، ڪجائي ڪئي.
ڪري دل حوالي تو منهنجي حبيب، پروين پوءِ ڇا لئي پرائي ڪئي؟
ڪٿي ليٺ انرگس ڪري قابو ايد، جهڙي دل تو جاني جفائي ڪئي.
ڳڏي دل کي دل سان، ملائي سڄڻ، تو جهٽ پٽ وري ڇو جدائي ڪئي؟
جي اڻ ڳوٺ هئا، قرب تنهنجا قريب! گهڻائي آهي، ڇو بيائي ڪئي؟
ڪري سوڳها سيني ۾ سڪ جا سلا، وري ڇو الهن جي ٽنائي ڪئي؟
رکي پرت "پروين" سان، اي پرين!
نه ساجن ڪڏهن تو سچائي ڪئي.

## پشپا ولڀ

### چيرو

اسان ٻئي
تون ۽ مان
پنهنجي پنهنجي محبت جي گهرن ۾ رهندا آهيون
تون پنهنجي گهر ۾
۽ مان پنهنجي گهر ۾
اسان جي گهرن وچ ۾
هڪ لڄ ۽ حجاب جي ديوار آهي
جنهن جي چيرن مان مان توکي ڏسندي آهيان
۽ جڏهن مان سيني جي وچ ۾ ويٺل هوندي آهيان
۽ شرم جي ديوار جي چيرن وچ مان
توکي پاڻ ڏانهن ڏسندي محسوس ڪندي آهيان
پنهنجي گهر جي ڪليل اڱڻ ۾ ليٽي
تارا ڳڻيندي آهيان
(ڪنهن جي ياد ۾...!)
اڻ چيل لفظ منهنجي ڪنن ۾ پڙاڏي ۾ ايندا آهن
تو نه اڱڻ ۾ وکيل وڏين ڪونڊين تي پير رکي
ڪڏهن ڏسڻ جي تڪليف ئي نه ڪئي
۽ چالور چوليڊيندي
مان ڪنهن جي ملڻ جا گيت ڳائيندي آهيان.

## بشير احمد شاد

●

ليتن مان جو لڙڪ لڙي پيو،
جهڙو سارو ڏيهه سڙي پيو.

پالياريءَ جي ٻهڙي وانگر، توسان منهنجو جيءُ جڙي پيو.
ساهن جي سرهاڻ ملي جا، ڪيڏو منهنجو هيانءُ ٺري پيو.
ساري تنهنجي سڪ او سائين، اکڙيئن ۾ آ آب تري پيو.
تنهنجي لساز لوايا ڪيئي، هڪڙو ئاهي "شاد" مري پيو.

"ثاقب" آريسر

## درس قرآن

اڄ اندر تو اجهاڻو اجهاڻو لڳي،
روح منهنجو ڀ تو ڄڻ وڃاڻو لڳي.

رات ڪاريءَ جيان چؤ طرف ڪـرهي،
ڏکي مسافر ڪي وڻ ۾ نٿو هٿ اچي.
اهڙي ماحول ۾ ڇئو ڀلا ڇا ڪجي؟
واٽ هڪڙي ٿي آهي، اها تي سُجهي.
اڄ ڪو مرد خدا، درس قرآن ڏي،
قول جنهن جو عمل جي مطابق هجي.
رات ڪاري ڀلي روشني ٿي پوي.
مڃ شرم کان اکين کي جهڪائي ڇڏي.
مست و سرشار ٿي مرحبا ٿيو چوي.
منهنجو ڪامل يقين آهه، اهڙيءَ طرح،
هر ڪنهن انسان جي سوچ ٻي ٿي پوي.

گل حسن "گل" ٻرڙو

## غزل

خـدا جي روبرو آهيان،
سراپا آرزو آهيان.

ڪٿي مون دم ڪنيو ناهي، مسلسل جُستجُو آهيان.
نوازش پيار وارن جي، سدائين سُرخرو آهيان.
صدا عشق آهيان ڄڻ، ٻڌو ٿا ڪُو ڪُو آهيان.
لحاظ علم آهيان مان، قلم جي آبرو آهيان.
محبت منهنجو شيوو آ، انهي جو واهرو آهيان.

خدا جي مهرباني سان،
ادب ۾ "گل" جي بُو آهيان.

مقصود "گل"

## ڪافي

ڏاها پنهنجي ذات ڏيا ڪي، شاعر ڪجهه چاچول،
ٻول وري ڪي ٻول.
ڪاڻ ڪٽوري، مٺ ماڻي، جي ڊولا ڊڪئي ڪول،
ٻول وري ڪي ٻول.
سالا ساٿا ساهه سپني، سڏڪن جو سيلاب،
هر هڪ اک ۾ آب،
اهڙي ڪوتا ڇيڙ ڪوي، جيئن مرڪي پئي ماحول
ٻول وري ڪي ٻول.
گيتن ۾ غم، پيتن ۾ پت، سٽ سٽ ۾ سودا،
بلبل جو پڇنا ؟
سورن ساڻ سٽيل آ سارو تنهنجو ڪوي ڪشڪول،
ٻول وري ڪي ٻول.
تن ڪاڇي ۽ لاڙ، سري جا، مارو سڀ مجبور،
دردن جو دستور،
تند تپائي، چنگ کي چوري، چارڻ ڪر چوٻول،
ٻول وري ڪي ٻول.
هر ڪنهن هينئڙي، هر ڪر هورا، نيڻن منجهه نراس،
پلڪن منجهه پياس،
مکڙيون ۽ "گل" ميڙي پرتون جهانگيئڙن جا جهول،
ٻول وري ڪي ٻول.

محمد شريف "طالب"

•

ٻر ٻس ٻرونارا پيار هليا ويا،
مٺي منهن تو مون ڪان موچارا هليا ويا.

گهڙي جنهن بنا هڪ نه پئي پار گذري، لنگهي سال ويئڙا، سهارا هليا ويا.
هيون جن سان قائم قرب جون ڪچهريون، ڇڏي سات سارو سهارا هليا ويا.
ٻڏي نيٺ ويندي هي بيڙي غمن ۾، رکو سير آهي ڪنارا هليا ويا.
هتي هائي دل ڪي نه آرام ايدو، بهارون ڪٿي سڀ نظارا هليا ويا.
وري ڪين آيا نه ايندا هو "طالب"، ڏيئي دم دلاسا دلارا هليا ويا.

# مقالا

# حضرت شاهه عبداللطيف جي سوانح بابت ويچار

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

[هن موضوع تي لکيل مضمون، ماهنامه ”لطيف ڊائجسٽ“ (ڪراچي) ۾ ٽن قسطن ۾ ڇپيو آهي، جن مان آخري قسط فيبروري ۱۹۸۶ع واري شماري ۾ شايع ٿي. اڳ ڇپيل انهن حصن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته حضرت شاهه صاحب جي سوانح بابت هن وقت تائين جيڪي ڪي لکيو ويو آهي، سو گهڻي ڀاڱي تائين ٻن مکيه ماخذن، يعني (۱) مير علي شير قانع ٺٽوي جي تصنيفن ۽ (۲) مير عبدالحسين خان سانگي جي ڪتاب ’لطائف لطيفي‘ تان ورتل آهي. انهيءَ ڪري حضرت شاهه صاحب جي سوانح بابت صحيح نتيجن تي پهچڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن ٻن بنيادي ماخذن وارن حوالن کي تحقيق ۽ تنقيد جي لحاظ سان توريو تڪيو وڃي. انهيءَ لحاظ سان اڳين قسطن ۾ پهريائين مير علي شير قانع جي ڏنل حوالن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ هيءَ قسط پڻ انهيءَ ساڳئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ن.ب]

مير علي شير قانع جا ٻه ڪتاب ”مقالات الشعراء“ ۽ ”تحفة الڪرام“ ڇپجي چڪا آهن ۽ انهن ۾ حضرت شاهه صاحب بابت آندل حوالا پڻ پڙهندڙن جي آڏو اچي چڪا آهن. البت ٽيون ڪتاب ”معيار سالڪان طريقت“ (جيڪو مير مراد علي خان جي فرمان سان نقل ڪيو ويو ۽ هن وقت برٽش ميوزيم لنڊن ۾ محفوظ آهي، سو) اڃان نه ڇپيو آهي، پر جيئن ته اڳ ان ڪتاب جا قلمي نسخا سنڌ ۾ موجود هئا، تنهنڪري اهو ڪتاب پڻ مير عبدالحسين خان سانگي ۽ سنڌ جي ڪن ٻين عالمن جي مطالعي هيٺ رهيو. شاهه عبداللطيف بابت مير علي شير قانع جيڪي بيان هن ڪتاب ۾ آندا آهن، تن کي آسان ۽ روان ترجمي جي صورت ۾ هيٺ ڏجي ٿو ته جيئن اهو قلمي مواد ناظرين جي آڏو اچي وڃي ۽ حضرت شاهه صاحب بابت مير علي شير قانع جي جملي بيانن کي توري تڪي سگهجي. قانع لکي ٿو ته:

”عارفن جو مثالي اڳواڻ شاهه عبداللطيف تارڪ ولد سيد حبيب شاهه موصوف، ٻارهين صدي ۾ سنڌ اندر نهايت ئي وڏو مرشد رهنما ٿي ساماڻو. (اوائلي) زندگي جو وڏو حصو بالڪل اڪيلائيءَ ۽ ويراڳ ۾، ڪمال رياضت سان گهمندو رهيو ۽ مدهوشي جهڙي حالت ۾ بي انت بيابان ۾ گذاريائين. آخرڪار هوش ۾ اچي، شيخي ۽ مرشدي جو مَسنَد جيئن جو تيئن سينگارِيائين ۽ ساري جهان کي پنهنجي ارادت طرف ڇڪيائين.

> ڪلي طور ترڪ ڪري ڇڏيو هو ۽ الهيءَ ڪري ئي پاڻ ’تارڪ‘ جي لقب سان مشهور ٿيا (۱).

ٻئي طرف قانع پنهنجي ٻئي ڳالهه ۾، محمد عالم ڏياني کي شاهه صاحب جو خليفو ۽ ٻين سيني فقيرن ۾ ممتاز ڪري ڄاڻايو هو، پر پٽ تي ۽ پٽ واري تڙ ۾ جيئن هن دور تائين اهو معلوم آهي، تيئن مير صاحب واري وقت ۾ به اهو معلوم هو ته ڀٽائي صاحب جو خاص خليفو ۽ فقير ”محمد عالم سچو سائر“ هو جيڪو ڀٽائي صاحب جو ماسات به هو. جيتوڻيڪ نسب جي لحاظ سان هو ’ديانو‘ ڪونه هو پر ’ڏيرو‘ هو. قانع جي حوالي ۽ ’محمد عالم سچي سائر‘ جو ڀٽائي جو ماسات هئڻ—انهن ٻن ڳالهين ۾ تطبيق پيدا ڪرڻ جي فقط هڪ ئي صورت هئي ته ’محمد عالم دياني‘ کي ئي شاهه صاحب جو ماسات ڪري ڄاڻائجي. شاهه صاحب جي فقيرن جي سلسلي ۾ محمد عالم بابت لکندي مير صاحب پنهنجي عبارت ۾ اها تطبيق هن طرح پيدا ڪئي ته:

> ”ميان محمد عالم دياله که همشير زاده والده حضرت اولياء صاحب بود و سماع و ذکر در اختيار داشت و کارپرداز بوده“ (۲).
>
> [ميان محمد عالم ديانو، جيڪو حضرت اولياءصاحب (يعني شاهه صاحب) جي والده جي ڀيڻ جو پٽ هو. ’سماع‘ ۽ ’ذڪر‘ جي واڳ سندس هٿ ۾ هئي ۽ سڄي ڪم جو سنڀاليندڙ هو].

قانع کان ته فقط ناليءَ ڀُل ٿي جو حقيقي محمد عالم بدران ٻئي محمد عالم کي ڀٽائي صاحب جو خليفو ۽ خاص فقير ڪري ڄاڻايائين، پر هن ائين ڪونه لکيو هو ته هالن (پراڻن) جي بزرگ مخدوم عربي دياني جي اولاد مان جيڪو محمد عالم آهي، سو ڀٽائي صاحب جي والده جي ڀيڻ جو پٽ آهي. اهو اضافو سانگي ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ ڪيو ته قانع جي ڀل ۽ حقيقت جي وچ ۾ ڪا تطبيق پيدا ٿئي. پر سندس انهيءَ اضافي شاهه صاحب جي والده ماجده بابت وڏي غلط فهمي پيدا ڪري ڇڏي، جنهن آئنده لکندڙن لاءِ وڏو مونجهارو پيدا ڪيو، جيئن هيٺين تفصيل مان معلوم ٿيندو.

● سنه ۱۸۸۷ع ۾ ميرزا قليچ بيگ جڏهن شاهه صاحب جي حياتي جو احوال لکيو ته ان جو بنيادي مواد مير عبدالحسين خان سانگي کان ورتائين، ۽ شاهه صاحب جي والده بابت ڄاڻايائين ته

---

(۱) لطائف لطيفي، فارسي متن، راقم جي ڪوشش سان ڇپيل، پٽ شاهه، ضلعو حيدرآباد، ۱۹۶۷ع، ص ۲۹.

(۲) ايضاً، ص۱۶۹. اڳتي ڄاڻايو اٿس ته ڀٽائي صاحب جي وفات بعد جڏهن حڪومت طرفان سيد جمال شاهه کي گادي تي وهاريو ويو ته محمد عالم وڏي مخالفت ڪئي. بالاخر جڏهن سيد جمال شاهه جي اشاري تي حاڪم (ميان غلام شاهه) مٿس سختي ڪئي ۽ کيس سوڙهو گهيرو تڏهن وڃي معاملو ٺريو. پوءِ جلد ئي محمد عالم وفات ڪئي.

وارن عالمن جا استاذ هئا. مطلب تہ سنڌ جي گهڻي ڀاڱي عالمن جو سلسلو انهيءَ ڪڙيءَ سان وڃي ڪلڇي ٿو.

جهڙيءَ ريت مولانا عبدالحق خيرآباديءَ جي شاگردن مان ٻين شاگردن هرهڪ مولانا حڪيم برڪات احمد ٽونڪي ۽ مولانا ماجد علي صاحب ميڊيو (عليڳڙهہ) وارن جي پنهنجي استاد سان خاص نسبت هئي، اهڙيءَ ريت مولانا قمرالدين رحہ سان حضرت هاليجوي رحہ ۽ علامہ ڪورائي رح جي نسبت هئي. منهنجي بزرگ دوست مولوي قاضي محمدابراهيم صاحب ڪارڙوي پنهنجو اکين ڏٺو واقعو حضرت هاليجويءَ جي ادب باٻت هن طرح ٻڌايو تہ مولانا قمرالدين صاحب ۾ ڏاڍو جلال هوندو هو. هڪ ڀيري غصي مان پنهنجي لائق، فائق دوست مولانا هاليجويءَ ڪي (جنهن ان دور ۾ سلوڪ جا مدارج بہ طئي ڪري ورتا هئا) سخت ڳالهائي رهيو هو، ليڪن مولانا هاليجوي ادب وچان استاد آڏو هٿ ٻڌيو بيٺا هئا ۽ خاموشي سان سڀڪجهہ برداشت ڪندا ٿي ويا.

حضرت هاليجوي رحہ درس نظامي جا جملي ڪتاب اتي پڙهيا ۽ فضيلت جي دستار بہ اتي ٻڌي. هن ڪان پوءِ درس تدريس ڪي لڳي ويا. ڳالهہ ٿا ڪن تہ ايڏي مجاهدہ ۽ محنت سان شاگردن کي پڙهائيندا هئا جو رات ڏينهن جي چوويهن ڪلاڪن مان ڪو ٿورڙو وقت آرام ڪندا هئا نہ تہ سندن سمورو وقت علمي خدمت ۽ ڪتب بينيءَ ۾ گذرندو هو. مولانا مفتي عبدالڪريم خيرپوري، مولانا حبيب الله صاحب ٽيڙهي وارا ۽ مولانا نورمحمد صاحب گهوٽڪي وارا سندن مخصوص شاگردن مان شمار ڪيا وڃن ٿا. پاڻ ڇڱو عرصو ٽيڙهيءَ ۾ بہ تعليم ڏنائون. شروع ۾ ايڏو تہ ظاهري علم جي اشاعت ۾ منهمڪ ۽ مشغول رهندا هئا، جو باطني علم پرائڻ ۽ ذڪر اذڪار ڏانهن ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڪندا هئا. مورڳو قادري طريقت جي جهري ذڪر باٻت شرعي نقطہ نگاهہ مطابق اعتراض بہ ڪندا هئا.

## تاج الاولياءَ حضرت امروٽيءَ وٽ حاضري

حضرت صاحب جي هڪ مخصوص شاگرد مولانا قاضي عزيزالله صاحب ٽيڙهيءَ وارن اسان کي ٻڌايو تہ هتي اسان وٽ حضرت امروٽيءَ جو گهڻو اثر هو ۽ ڪيترا قادري طريقت جا فقير ذڪر اذڪار ڪندا هئا، ليڪن حضرت هاليجوي ان قسم جي ذڪر جي مخالفت ڪندو هو. ٽيڙهيءَ کان ٿورو ڏور فقير عبدالغني رهندو هو، جو حضرت صاحب امروٽين جو مريد هو ۽ نهايت اهل دل درويش هو. ان حضرت صاحب هاليجويءَ کي سمجهايو ۽ ايترو قائل ڪري ورتو جو حضرت هاليجوي فقير عبدالغنيءَ کي ساڻ ڪري تاج الاولياء حضرت سيد تاج محمود امروٽيءَ جي خدمت اقدس ۾ پهچي ويا. پوءِ تہ ساڻن پسڻ ٿي ويو، هڪدم حالت بدلجي وئي، ظاهري علم جو غرور اڏي ويو. خواجہ محمدزمان [رح] لنواريءَ وارن سچ چيو آهي "ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾" الخ هڪدم حضرت امروٽيءَ جي هٿ تي قادري راشدي طريقت ۾ بيعت ڪري علم باطني پرائڻ ۽ رياضتن ڪرڻ ڪي لڳي ويا.

روحاني ۽ علمي مجلسن ۾ اسان جا اهي عقدا حل ٿيندا رهيا، جيڪي اسان ڪي ڪتابن مان حل ٿي نه سگهيا.

سيد الاحرار مولانا عطاءُالله شاهه بخاري ته گويا مولانا هاليجويءَ جو عاشق ۽ پروانو هو. جڏهن به سنڌ يا بهاولپور ۾ ايندا هئا ته تنيءَ ٽنڊيءَ جو ڪو به خيال نه رکي حضرت هاليجويءَ جي خدمت ۾ پهچي ويندا هئا ۽ حضرت جن جا وڏا مداح هئا. سنڌ جي وڏن ماڻهن مان خانبهادر حاجي مولابخش صاحب سومري گهڻو ڪجهه پرايو آهي. هن امير ڪبير جي اها حالت هئي، جو ڏينهن جا ڏينهن هاليجيءَ جي مسجد جي صحن تي سمهي ذڪر ڪمائيندو هو ۽ امير هوندي به فقير ٿيو ويٺو هوندو هو ۽ رات ڏينهن مجنون بڻجي، حضرت جي آخري وقت تائين سندن تيمارداري ڪندو نظر آيو. جزاه الله خير الجزاء.

حضرت هاليجوي تاريخ ١٢- ذوالحج ١٣٨١هه مطابق ١٨- اپريل ١٩٦٢ع اٽڪل روءِ ٨٣ سال عمر جا هئا. طويل علالت کان پوءِ حظيره القدس ڏانهن راهي ٿي، پنهنجي سوَن، هزارن مريدن معتقدن ۽ شاگردن کي غم و الم سان همڪنار ڪري ويا. ”شائق“ نظامائي هيٺين مصرع مان سندن وفات جي تاريخ ڪڍي آهي، ”حامد ذات حق حماد الله“ (١٣٨١هه). پاڻ پويان چار فرزند ڇڏيائون، جي سڀ علم ۽ فضل جا مالڪ آهن. الله پاڪ کين صبر جميل عطا فرمائي. (آمين)



# شاهه لطيف: عزم ۽ استقلال جو داعي ۽ پيغام پهچائيندڙ

## ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي زبان ۽ ادب، سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي زندگي ۽ ذهني توڙي فڪري ارتقا جو آئينه دار آهي. سنڌي زبان کي هر دور ۾ اهڙا اهڙا شاعر، اديب ۽ اڪابر نصيب ٿيا، جن جي ڪلام ۽ پيام، قوم جي دلين ۾ نوان جذبا ۽ نوان امنگ پيدا ڪيا، ۽ انهن جي ڪلام سنڌ جي عوام جي رڳن ۾ تئين خون مثل تحرڪ آڻي منجهن جوش ۽ وَلولو پيدا ڪيو.

شاهه لطيف اهڙن انسانن ۽ اڪابرن مان هڪ هو. شاهه لطيف سنڌ جو عظيم مفڪر، لاثاني شاعر ۽ رهنما آهي. هو هر دور ۾ زنده ۽ هر دور جي ترجمان شاعر جي حيثيت ٿو رکي. هو مغليه دور جي آخري ڏينهن (ولادت ١٦٨٩ع/وفات ١٧٥٢ع)(١) ۾ پيدا ٿيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ گذاريائين.

شاهه صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب کي نئون موڙ ڏنو. ان ۾ نوَن موضوعن ۽ نوَن مضمونن تي نه فقط طبع آزمائي ڪيائين، بلڪ اهي موضوع ۽ مضمون سنڌي ادب ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا. شاهه جي شاعري فطرتي ماحول ۽ منظرن ۽ فطرت جي مشاهدي جي گواهي ڏئي ٿي. شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي مقامي ماحول، منظرن ۽ فطري مشاهدي جي عڪاسي آهي. شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي مائهن جي نفسيات، سوچ ۽ فڪر جي چٽي تصوير چٽيل آهي.

شاهه جي شاعري علامتي شاعري آهي. هن انهن علامتن ۽ اشارن، رازن ۽ رمزن، استعارن، ڪناين ۽ تمثيلن ذريعي، سنڌي شاعريءَ کي نوان موضوع ڏنا.

شاهه لطيف انساني عمل ۽ ڪردار کي واضح لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. هن سسئي، سهڻي، مومل، مارئي، ليلان، ڪؤنرو ۽ نوريءَ جي تمثيلن ۾ طالب ۽ مطلوب، دنيا ۽ عقبيٰ جو بيان ڪيو آهي. انسان دوستي، محنت ڪشن سان محبت، هارين نارين ۽ جهانگين سان همدردي، ۽ اهڙيءَ طرح لوهارن، ڪورين، مهاڻن ۽ مزورن سان محبت ۽ قرب، لطيف جي شاعريءَ جا خاص موضوع آهن، هو فرمائي ٿو:

هلو هلو ڪوريين، لاڙڪ جن جو نينهن،
ڪنڌن سارو ڏينهن، چڙهي سور نه سکيا.

---

(١) سنڌ ۾ مغلن جي حڪومت ١٧٠٠ع ۾ ختم ٿي ۽ ميان يارمحمد ڪلهوڙي سنڌ تي قبضو ڪري، ڪلهوڙن جي حڪومت جو بنياد وڌو.

# ڪتابيات


١- غلام علي الانا: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ،" چار شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

٢- ابن منظور: "لسان العرب"، ١٢. ص ٣٩٩

٣- ايضا

٤- ايضا

٥- ابن هاشم: "سيرة ابن هاشم"، ص ٤٤

٦- صحيح بخاري: "ڪتاب الدعوات".

٧- ڪلياڻ آڏواڻي: "شاهه جو رسالو"، ڪراچي ٢، مڪتبه اسحاقيه، جهونا مارڪيٽ، ص ٩٠

٨- ايضا ص ٩٦.

٩- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: مقالو "سر گهاتوءَ جو مطالعو"، "ذڪر لطيف"، ڪراچي شعبه اطلاعات، حڪومت سنڌ، ٢٤٠ عرس مبارڪ شاهه عبداللطيف، ١٩٨٤ع، ص ٧٣.

١٠- پوپٽي هيرانندائي: "شاهه - سنڌي تهذيب جو روح"، بمبئي، ڪونج پرنٽرس، ٢٢-الهاس نگر-٣، ص ص ٦٩-٧١

١١- ايضا، ص ٧٣.




لطيفو پهريون: بادشاهه ۽ اميرن جي خدمت ۾ عريضيون،
لطيفو ٻيو: جاگيردارن، سيدن، عالمن ۽ معزز ماڻهن ڏي خط،
لطيفو ٽيون: وڪيلن ڏانهن خط.

پهرئين حصي ۾ اٺهٺ خط آهن، جنهن ۾ عالمگير جي وفات کان ڪري ميان يارمحمد ۽ ميان نورمحمد جي شروعاتي دؤر تائين جيڪا سرڪاري لکپڙه ٿي، اها شامل آهي. عالمگير جي وفات تي سنڌ ۾ جيڪو ردعمل ٿيو، ان جي ذڪر کان سواءِ ڪجهه شهزادن جي تخت سنڀالڻ جون خبرون، ٺٽي، سيوهڻ ۽ بکر ۾ صوبيدارن جي مقرري ۽ معزولي جا واقعا، ميرويس غلزئي جي افغانستان تي قبضي، قنڌار، قلات، بلوچستان، ملتان ۽ هندستان ۾ پيدا ٿيل حالتن ۽ انهن واقعن جي حوالي سان شخصيتن جي سڃاڻپ ۽ ملتان، سيوهڻ، بکر، بلوچستان ۽ ٺٽي جي صوبيدارن جا نالا ۽ انهيءَ دؤر ۾ ٿيل جنگين جو ذڪر هنن خطن ۾ ملي ٿو.

ٻئي لطيفي ۾ ٻه سؤ پنج خط آهن، جن ذريعي هندستان جي وزيراعظم، سپهه سالارن، صوبيدارن ۽ ٻين واسطيدار اميرن کي واقف ۽ حالتن کان باخبر ڪيو ويو آهي. هنن خطن ۾ ڪيئي چاتل سڃاتل ۽ اڻ واقف مگر اهم ماڻهن جي نالن ۽ ڪارنامن جو ذڪر ملي ٿو.

ٽئين لطيفي ۾ درباري وڪيلن جي نالي خط آهن. انهن خطن ۾ ان وقت جي مکيه تاريخي واقعن جي لڪل ڪڙين تي روشني پوي ٿي. ان کان سواءِ مکيه ڪردارن ۽ ماڻهن جي چاڻ به ملي ٿي، جن جي نالن ۽ ڪارنامن کان تاريخ جا پنا بلڪل خالي آهن. هي حصو اٺاويهن خطن تي مدار رکي ٿو.

هن ڪتاب جا ٻه نسخا منهنجي ڪتبخاني ۾ موجود آهن، جن کي آڌو رکي مون هن ڪتاب جو متن تيار ڪيو آهي ۽ انتظار آهي ته تاريخي حاشين ۽ چٽاڻين سان ان کي ڇاپيو وڃي(۱)

## ۲- خلاصة المڪتوبات:

هي خط سنڌ جي ٻن وڏن منشين ميان هارون ۽ منشي عبدالرؤف جا لکيل آهن. هي جلد حقيقت ۾ انهن خطن جي چونڊ آهي، جن کي انشانويسي جي خيال کان تيار ڪيو ويو آهي، ليڪن هر خط ڪنهن نه ڪنهن تاريخي حيثيت ۾ اهم آهي.

---

(۱) راشدي صاحب مرحوم هڪ ٻيءَ جاءِ تي منشي عبدالرؤف جي خطن جي ٻن ڪتابن: گلدستهٔ نورس بهار ۽ گلدستهٔ هميشه بهار جو ذڪر ڪيو آهي ("منشورالوصيت و دستورالحڪومت" مقدمو، ص ۳۰)، جڏهن ته هن پيرا ۾ صرف هڪ جلد جو ذڪر اچي ٿو. غالباً هي ٻه مجموعا هڪ ئي ڪتاب جا ٻه الڳ نالا ڏسجن ٿا. بهرحال "گلدستهٔ نورس بهار" جو راشدي ايڊيشن اڃا منظر تي نه آيو آهي.

هي خط ڪلهوڙا خاندان جي آخري ڏينهن ۽ ٽالپور گهراڻي جي شروعاتي دور جي ڪيترن ئي مکيه واقعن تي روشني وجهن ٿا.

## ۲۰- مڪتوبات مير نصير خان ٽالپور:

مير محمد نصير خان سنڌ جو آخري ٽالپور حڪمران هو، جنهن کان ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ جو اقتدار کسيو ۽ ٻين ٽالپور صاحبزادن سان گڏ کيس به ڪلڪتي ۽ هندستان جي ٻين شهرن ۾ نظربند رکيو ويو.

مير صاحب جلاوطنيءَ جي حالت ۾ جيڪي خط پنهنجن زالن، اميرن ۽ ٻين عزيزن کي لکيا، هي انهن جو هڪ مجموعو آهي، جنهن ۾ ۲۹۲ خط آهن. آخري خط مير صاحب جي ڏيءَ، هڪ درخواست جي شڪل ۾ راڻي وڪٽوريا جي نالي لکيو آهي.

جنهن زماني ۾ سنڌ جو هي حڪمران ڪلڪتي ۾ جلاوطني جي حياتي ڪٽي رهيو هو، انهن ڏينهن ۾ واجد علي شاهه به مٽيا برج (ڪلڪتي) ۾ غريب الوطني جا ڏينهن گهاري رهيو هو. ان دور ۾ واجد علي شاهه پنهنجي زالن جي نالي خط لکيا آهن، جن جا ڪيئي جلد ڇپجي چڪا آهن.

مير نصير خان جا هي خط جتي ڪيئي تاريخي فائدا رکن ٿا، اتي سماجي ۽ تهذيبي لحاظ کان وڏي اهميت ۽ حيثيت رکن ٿا. واجد علي شاهه جي خطن جي جيڪڏهن مير نصير خان جي خطن جي عبارت ۽ مفهوم جي خيال کان ڀيٽ ڪئي وڃي، ته واجد علي شاهه جي خطن جون عبارتون، انهن جو مطلب ۽ انهن خطن ۾ بيان ڪيل عاشقاڻا جذبا نهايت گهٽ، عامي ۽ ڪريل نظر اچن ٿا، جڏهن ته ان جي ڀيٽ ۾ مير نصير خان جا خط نهايت شائسته، مهذب ۽ باوقار آهن. صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مير نصير خان جي خطن جو لهجو هڪ مدبر ۽ سنجيده بادشاهه جي جذبن جو عڪس آهي، جنهن ۾ شاهي حرم جي عزت ۽ ناموس توڙي ان جي عظمت ۽ تقدس جو پورو پورو احترام رکي، محبت جي جذبن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. هڪ جملو به ڪريل ۽ پست ڪونهي. ان ذريعي جتي لکنو دربار جي سماجي ذلت جو پتو پوي ٿو، اتي سنڌ جي بادشاهن جي تهذيبي برتريءَ جو چٽو اظهار ٿئي ٿو.

---

جيئن شروع ۾ چيو اٿم، مون هتي فقط تاريخي خطن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي معلوم ٿيل آهن. انهن سڀني خطن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، جي صوفين ۽ عالمن جا لکيل آهن، جن ذريعي سنڌ جي مذهبي معاملن، مذهبي معرڪن ۽ ديني توڙي تصوف جي نقطن تي روشني پوي ٿي. ملڪي ۽ سياسي تاريخ ۾ جيتوڻيڪ هي مجموعا ڪم نه ٿا ڏئي سگهن، پر ارڙهين صدي عيسوي ۾ سنڌ جي سماجي صورتحال، مذهبي حالتن ۽ صوفيائن لاڙن جي خبر انهن ذريعي ضرور پوي ٿي.

ايران ۾ اهڙا ڪيترا تاريخي خط ڇاپڻ جي طرف ڌيان ڏنو ويو آهي ۽ الڪل روءِ پنڌرهن-ويهه مجموعا منهنجي نظر مان گذريا آهن. زنده قومون پنهنجي تاريخي اثاثي ۽ تهذيبي ورثي کي سيني سان سانڍيو ٿيون. ڪاش اسان وٽ به هن قومي سرمايي جي بچاءُ جو احساس سجاڳ ٿئي ۽ اسين به هوش ۾ اچون ۽ تاريخي خطن جا قدر به قدر اهڙا مجموعا گڏ ڪرڻ ۽ ڇاپڻ شروع ڪيون، جنهن ذريعي اسان جي تاريخ جون ڪُر ٿيل ڪڙيون ملي وڃن ۽ دلچسپ اندروني معاملا ۽ مسئلا معلوم ٿين، جن جو اڄ تائين اسان کي علم نه ٿي سگهيو آهي.



# هالاڻيءَ جو جنگي معرڪو

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا جنگي واقعا ٿي گذريا آهن، جن جي ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ وڏيون تبديليون رونما ٿيون؛ ڪئين خاندان بدليا ۽ ڪيترين نيون نيون حڪومتون وجود ۾ آيون، جن سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن ۾ پنهنجي نوعيت جا اهم اهڃاڻ ۽ نشان ڇڏيا آهن. هونئن به جنگ ڪنهن نه ڪنهن تبديليءَ جو سبب ضرور بڻجندي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ ”هالاڻيءَ“ جو مشهور جنگي معرڪو سنڌ جي تاريخ جي تبديليءَ جو هڪ وڏو اهم باب آهي. هالاڻيءَ جي ميدان تي اها جنگ، سنڌ جي سعادتمند مريدن ۽ جانثارن پنهنجي مرشدن جي خلاف لڙي ۽ انهن جي شمع اقتدار کي گل ڪري، پنهنجي نئين حڪومت جو بنياد رکيو. هيءَ جنگ هڪ عبرت انگيز حادثو آهي، جنهن ڪلهوڙن جي اقتدار کي هميشه لاءِ ختم ڪيو ۽ ٽالپورن جي صاحبيءَ کي وجود ۾ آندو.

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو تنزل ميان محمد سرفراز خان جي تخت نشينيءَ (١١٨٦ھ/١٧٧٢ع) جي وقت کان ئي شروع ٿي چڪو هو. سندس دربار ۾ رات ڏينهن سازشون ۽ منصوبا سٽجي رهيا هئا. بلوچن ۽ مقامي ليکي سردارن جي وچ ۾ باهمي رساڪشيءَ جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. ليکي سردارن، ڪلهوڙن جي دربار ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجو اثرسوخ وڌائڻ ٿي گهريو. انهيءَ ڪري هو ڪلهوڙن جي وفادار ۽ سرفروش درٻارين جي بي عزتي ڪرڻ ۾ رُڌل هئا. ڀلاندن جي بازار سرگرم هئي. اهڙيءَ طرح انهيءَ خانہ جنگيءَ سنڌ جي حالتن کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچايو. ڌارين طاقتن کي ڪافي موقعا مليا، جن سنڌ جي عوام کي تباهہ ۽ برباد ڪيو. اهو هميشه جو دستور آهي ته جڏهن حڪومت ڪمزور ٿيندي آهي، ته حاڪم ۽ عوام بي عمل ۽ بي وقار ٿي ويندا آهن. سستي، ڪاهلي ۽ نااهلي اچي واسو ڪندي آهي. زندگيءَ جون سموريون قوتون ۽ خوشيون مفلوج ٿي وينديون آهن. ڪئين فروعي مسئلا لمودار ٿيندا آهن، جنهن جو آخرين نتيجو جنگ جي صورت هوندو آهي. ڪلهوڙن جي پوئين دؤر ۾ سنڌ جون اهڙيون ئي سنگين حالتون هيون. هرروز نوان نوان واقعا رونما پئي ٿيا، خون خرابي جي بازار گرم هئي. تخت ۽ تاج لاءِ ڪيترائي سر وڍيا ويا، جنهن جو آخرين انجام اهو ٿيو جو سرفروش ۽ وفادار سردار ۽ سپهه سالار بدگماني ۽ بيوسيءَ جو شڪار ٿي جنگ لاءِ آماده ٿيا ۽ پنهنجن آقائن جو پاڻ ئي خاتمو آندائون.

(٢٤) مرزا قليج بيگ: "تاريخ رياست خيرپور"، ص ٢٥.

(٢٥) ايضا، ص ايضا.

(٢٦) ايضا، ص ٢٦.

(٢٧) ايضا، ص ايضا.

(٢٨) Memon Muhammad Siddique: "Note on Battle Field Near Halani", Dated January 18, 1984.

(٢٩) بدوي لطف الله، "تذڪره لطفي"، جلد پهريون، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيون، ٦٨-١٩٦٧ع، ص ١٨.



# استاد ۽ شاگرد جا آداب

## (مخدوم جعفر بوبڪائي جي نظر ۾)

عبدالرسول قادري بلوچ

اسلام، علم حاصل ڪرڻ ۽ علم جي واڌاري ۽ سڌاري تي گهڻو زور ڏنو آهي. ان ڏس ۾ نبي مرسل صلي الله عليه وسلم تي جيڪو پهريون وحي نازل ٿيو، ان ۾ به "اِقرءِ" جو ارشاد آهي. ۽ "علّم بالقلم" وسيلي به علم جي عظمت ظاهر ٿئي ٿي. ان ڪري پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم هر مسلمان مرد ۽ عورت تي علم حاصل ڪرڻ فرض ڪيو ۽ پينگهي کان وٺي قبر تائين علم جي طلب جو امر فرمايو. اڳتي هلي تعليمي ميدان ۾، مسلمان مفڪرن ۽ تعليمي ماهرن تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون. ڪيترا تفسير، حديث، فقه، صرف نحو، منطق، تصوف وغيره جي موضوعن تي ڪتاب لکيا ويا. تعليمي ميدان ۾ اصحابن سڳورن، امام اعظم، ان جي شاگردن، امام غزالي، ابن خلدون، علامہ سيوطي، مخدوم جعفر بوبڪائي، شاهه ولي الله ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا نالا قابل ذڪر آهن.

سردست تعليمي سلسلي ۾ مخدوم محمد جعفر بوبڪائي سنڌي جي ڪتاب "حاصل النهج" فارسي جي حوالي سان سنڌس احوال اٿجي ٿو. مخدوم محمد جعفر بن عبدالڪريم، ميران بن يعقوب بوبڪائي. ڏهين صدي هجري جو برک عالم ۽ تعليمي ماهر هو. مخدوم جعفر شرعي علوم سان گڏ حڪمت، نجوم، جفر ۽ رمل جو به ڄاڻو هو، هر زندگيءَ جي پوئين دور ۾ سڀ علم ڇڏي، علم حديث ۽ تصوف جي ڪتابن جي مطالعي ۾ مشغول رهيو. تقريباً ڏهين صدي هجري جي آخر ڌاري وفات ڪيائين. بوبڪ، ضلع دادو ۾ سندس مزار آهي. مير علي شير قانع ٺٽوي، مقالات الشعراء ۽ تحفة الڪرام ۾ مخدوم جعفر بابت عجيب روايتون آنديون آهن.

مخدوم محمد جعفر به پين عالمن جيان جُهد پٽي، ڪشٽ ڪٽي، سور سهي، ڪشالا ڪهي، نور نچوئي، رت ست ڏئي، فڪر و فهم، علم ۽ قلم ذريعي علمي واهڙ وهايا ۽ ڪيترن علم جي پياسن کي سيراب ڪيو ۽ سندس هينيان ڪتاب يادگار آهن:

الصادق المنصف المحق، عجالة الطالبين، فتح الدارين، حل العقود، البشارة في العمل بالاشارة، المتانة في مرمة الخزانة، نهج التعلم، حاصل النهج.

حاصل النهج: هي رسالو فارسي ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ۱۹ فصل ۽ ٦۰ صفحا آهن. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، انگريزي مقدمي سان ۱۹٦۹ع ۾ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ماڻ

شايع ڪيو آهي. ڪتاب ۾ علم، ان جي حاصل ڪرڻ جي فضيلت، علم فقه ۽ شرع جي معنيٰ، علم جي تقسيم، علم محمود ۽ علم مذموم، علم جي تعظيم، علم جي طلب، علم جون آفتون، ڪتابت، مطالعو، استاد ۽ شاگرد جا آداب وغيره بيان ٿيل آهن.

مخدوم محمد جعفر ڪتاب جي ديباچي ۾ لکي ٿو: "حمد صلواة کان پوءِ تعليم جي طريقءِڪار جي سلسلي ۾ "نهج التعلم" ڪتاب لکيم. ان کان پوءِ ان ڪتاب جو اختصار "حاصل النهج" نالي ڪيم ته جيئن هر طالب علم تعليمي طريقن کان واقف ٿئي ۽ علم جي راه ۾ ڪيس ڪامل بصيرت حاصل ٿئي. هي ڪتاب اڄ کان تقريباً سوا چار سو سال اڳ ۾ ٩٢٦ هجري جو لکيل آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق موجب، مخدوم محمد جعفر بوبڪائي بهترين استاد هو. هو صحيح اصول تعليم سيکارڻ ۾ محبت ۽ فرد ۽ سوسائٽي جي اخلاق سڌارن ۾ به چاهه رکندو هو. هن ڪي درس تدريس دوران جي مسئلا سامهون آيا، انهن جي آڌار تي هن استادن ۽ شاگردن جي سکيا جا طور طريقا تحرير ڪيا. هو ان ڏس ۾ سکيا جا مسئلا ۽ مقصد به سيکاري ٿو ۽ اهو به سمجهائي ٿو ته تعليمي ميدان ۾ تجربا ۽ مشاهدا ڪيئن اختيار ڪيا وڃن.

مخدوم محمد جعفر علمي دنيا جو نفسياتي مطالعو ڪري، علم جي عظمت سان گڏ استاد ۽ شاگرد جون ذميداريون، جوابداريون، فرائض ۽ آداب بيان ڪيا آهن. جيڪڏهن اڄوڪي دور جا عالم استاد ۽ طالب علم شاگرد انهن اصولن جو گهرو مطالعو ڪري، ان تي عمل پيرا ٿين ته اسان جي تعليمي ادارن ۾ غيريقيني واريون حالتون ختم ٿي سگهن ٿيون. استاد ۽ شاگرد هڪ ٻئي ڪي پنهنجو سمجهي، ويجها وساري، ڪيرڪنڊ ٿي رهي سگهن ٿا. نفرت ۽ انتقام جي باڙ ٻني، اخوت ۽ محبت، امن ۽ شرافت جو پائدار ٻج پوکي سگهجي ٿو. انهن سونهري اصولن تي عمل ڪري، هوند اڄ به علمي ماحول ادب ۽ اخلاق جو گلشن بنائي سگهجي ٿو. ان علمي گلشن جي مهڪار دل دماغ کي معطر ڪري ڇڏي ۽ اسان جو موجوده ماحول به ان سرهاڻ سان واسجي سگهنڌ پريو ٿي پوي.

حقيقت هي آهي ته سنڌ جي برک عالم ۽ بهترين استاد مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جي اصول تعليم جي تجربن ۽ مشاهدن جا نڪتا، جيڪي جزوي ترميمن سان هاڻوڪي تعليمي خيالات ۽ حالات جي به تجربن مطابق آهن. هيٺئر مخدوم جعفر جي ڪتاب حاصل النهج فارسي مان فصل ١٣ "استاد ۽ شاگرد جا آداب" جو سنڌي ترجمو پيش خدمت آهي:

استاد ۽ شاگرد واسطي جي آداب ضروري آهن، تن مان ٻنهي تي لازم آهي تہ سندن نيت پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ خاص الله تعاليٰ واسطي هجي. علمي شغل ۾ مصروف ۽ متوجه رهجي ۽ حاسدن ڏي نہ ڏسجي. استاد ۽ شاگرد پنهنجي دل کي دنيا جي مفاد ۽ لالچ کان پاڪ ڪن. هميشه خوش خُلقي سان رهن. پنهنجي ذات کي حرام ڪارين کان پاڪ رکن. پڙهائي دوران هٿ جي چالن ۽ اکين جي اشارن ڪرڻ کان احتياط رکجي. قبلي جي سامهون ويهن، ۾ شاگرد

کي پنهنجي استاد جي سامهون ويهڻ گهرجي. ڪپڙا صاف ۽ پاڪ پهرين، خاص ڪري پڙهڻ دوران، البت سفيد لباس پهرڻ سيني رنگن کان بهتر آهي.

استاد جا فرائض ۽ آداب: هرهڪ گفتگو جي شروعات الله جي نالي حمد، تشهد، پنهي جهانن جي سردار محمد صلي الله عليه وسلم تي صلوات وسلام سان ڪجي. سندن آل اصحاب، اسلام جي صالح بزرگن ۽ خاص ڪري استاد کي دعا خير سان ياد ڪجي. پڇاڻي به حمد، صلوات ۽ دعا سان ڪجي. استاد درس پوري ڪرڻ کان پوءِ حمد صلوات بيان ڪري هيءَ دعا پڙهي، "الحمد الله الذي بنعمته تتم الصالحات". استاد ڪتاب کولڻ مهل به بسم الله چوي. ڪتاب ساڄي هٿ سان کڻي. هميشه انصاف پسند رهي ۽ ظلم نه ڪري. هميشه حق ڏانهن رجوع ڪري. حق پڌائڻ ۾ شرم ۽ لڄ نه ڪري. ڪنهن جي ڪيل پلائي جو انڪار نه ڪري ۽ ان کي نه لڪائي. جيڪو علم ۽ ڪمال حاصل نه هجي ته ان جي دعويٰ نه ڪجي، جو ائين ڪرڻ سان آخر شرمسار ٿيڻو پوي ٿو. پڙهڻ پڙهائڻ، لکڻ، سفر ڪرڻ، ڪتاب ۽ علم اختيار ڪرڻ ۾ استخاره ڪجي. استاد کي الله تعاليٰ جو هن ڳالهه تي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ته کيس تعليم ۽ استادي جو لائق بڻايو آهي ۽ شاگرد کي پڻ اهڙي نصيحت ڪري. شاگرد سان نرمي ڪجي، سختي ۽ ڪاوڙ نه ڪجي. استاد شاگرد کي اهڙي ڏکئي نمولي سان نه پڙهائي جو هو سمجهي نه سگهي، پر تعليم ڏيڻ ۾ اهڙو آسان ۽ سولو طريقو اختيار ڪري، جو هو جلدي آساني سان مقصد سمجهي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن وقت شاگرد سبق غور سان نه پڌي، يا سمجهي ته ان کي پنهنجي نظر ۾ حقير نه ڄاڻجي، پر ائين خيال ڪجي ته هي ماڻهو جي پيٽان ڪورو آيو آهي ۽ هينئر به ائين آهي: اڳتي هلي سمجهي ويندو. اميرن ۽ وڏن ماڻهن جي در تي هلي وڃي سبق ڏيڻ جي ڪري استاد پاڻ کي خوار نه ڪري (جو ته علم ۽ استاد جي وڏي عزت آهي ته اهي پاڻ اچي استاد وٽ علم حاصل ڪن ۽ استاد ٽيوشن لاءِ در در تي نه وڃي). درس جي جاءِ کي ڪشادو رکجي ته جيئن سيڪو ويهندڙ ۽ ايندڙ ويندڙ فائدو حاصل ڪري ۽ تنگ نه ٿئي. استاد سبق پڙهائڻ کان اڳ ۾ اتي به رڪعتون نفل پڙهي ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي هيءَ دعا پڙهي: "رب اشرح لي صدري ○ ويسرلي امري ○ واحلل عقدة من لساني ○ يفقهوا قولي ○" ترجمو: منهنجا پالڻهار! مون لاءِ منهنجو سينو کول ۽ مون لاءِ منهنجو ڪم آسان ڪر ۽ منهنجي زبان تان ڳنڍ کول، ته اهي منهنجي ڳالهه سمجهن (پارو ١٦، سورت طٰه).

مذهبن يا اصولن ۽ طريقن کي لکي پيش ڪري ۽ انهن لاءِ دليلن کي ترتيبوار آڻي، يعني پهريان سولا ۽ عام فهم ۽ ان کان پوءِ قوي دليل. پڙهائي دوران اهڙو طريقو اختيار ڪري، جو شاگرد جي علمي ۽ ديني ترقي ٿئي. شاگرد کي وڏن ۽ مشڪل ڪتابن ۽ علمن پڙهائڻ کان پهريان ان کي آسان ۽ طبيعت موافق عام فهم علم حاصل ڪرڻ لاءِ چوي. جيڪڏهن شاگرد کان ڪا خطا ٿي پوي ته ان سان شفقت ۽ بردباريءَ سان لهجي، جيئن مهربان پيءُ

# شاهه جي رسالي جو پهريون محقق — مرزا قليچ بيگ

## الياس عشقي

سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ هڪ نهايت قدآور ۽ روشن تالو آهي. ادب جي ڪابه صنف هجي، انشاپردازي جو ڪهڙو به انداز هجي، ان جي شروعات گهڻو ڪري مرزا صاحب سان ئي ٿئي ٿي. شاهه سائين جي سلسلي ۾ به مرزا صاحب جو ڪم وڏي اهميت رکي ٿو. ڇپيل رسالن جي تاريخ ۾ مرزا صاحب جي مرتب ڪيل رسالي کي سنگ ميل جي حيثيت حاصل آهي. مولانا دين محمد وفائي "لطف اللطيف" ۾ لکي ٿو:

"مرزا قليچ بيگ مرحوم سن ١٩١٣ع ۾ رسالي جو هڪ جامع نسخو جمع ڪيو. سندس ارادو هو ته مختلف نسخن ۾ جيڪي گهٽ-وڌ ۽ پنهنجا پرايا شعر آهن، تن سڀني کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇڏي، جيڪڏهن هن دنيا ۾ رسالي جا سمورا نسخا ڪٺي ڪري ٿي وڃن ته به مرزا صاحب وارو رسالو سڀني جو ڪم ڏئي ۽ ايندڙ زماني ۾ تحقيق ڪندڙن لاءِ در کليو رهي."

مرزا صاحب پنهنجي رسالي کي سن ١٩٠٠ع ڌاري تعليم کاتي لاءِ ڇپيل شاهه واري رسالي (گنج) جي آڌار تي مرتب ڪيل تاراچند شوقيرام جي رسالي کان پوءِ مرتب ڪيو هو، ڇو جو مرزا صاحب کي ان ۾ تمام گهڻيون ڇڪون ۽ گهٽتايون نظر آيون هيون، ان ڪري سچ پچ مرزا صاحب جو ترتيب ڏنل رسالو ڇپيل رسالن ۾ پنهنجي انداز جو قابل قدر نسخو آهي.

جيئن ته سنڌيءَ ۾ گهڻن ادبي ڪمن کي مرزا صاحب شروع ڪيو آهي، تيئن رسالي جي تحقيق جي پيڙهه جو پٿر به مرزا صاحب ئي رکيو آهي ۽ ان ڏس ۾ اوليت جو شرف به مرزا صاحب کي ئي حاصل آهي. جيستائين شاهه سائينءَ جي حياتيءَ جو تعلق آهي، مرزا صاحب پهريون اديب آهي جنهن هڪ مفصل ڪتاب لکي ڇپرايو. اول هيءُ ڪتاب مرزا صاحب انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو هو ۽ پوءِ پاڻ ان جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪري شايع ڪيو. مرزا صاحب کان اڳ هزهائينس مير عبدالحسين خان سانگي وڏي محبت ۽ ڪوشش سان درگاهه شاهه لطيف جي وڏن مريدن ۽ وڏيءَ عمر جي ڄاڻو ۽ معتبر ماڻهن سان ملي شاهه جي سوانح بابت مفيد معلومات ۽ مواد گڏ ڪيو هو. مير صاحب کي شاهه صاحب سان جيتري عقيدت ۽ محبت هئي، ان جي ثابتي مير صاحب جي مرتب ڪيل شاهه جي قلمي رسالي ۽ سوانح بابت املهه مواد سان ملي ٿي، جنهن کي هن معتبر راوين کان پڇي گڏ ڪيو هو. انهيءَ عقيدت جي تقاضا هئي جو هن شاهه جي

حياتي مرتب ڪرڻ جو بهہ پڇايو هو. مير صاحب وارو زمانو شاهہ جي حياتيءَ بابت معتبر راوين جو آخري دؤر هو، جنهن سان مير صاحب پورو پورو فائدو حاصل ڪيو. اڄ مير صاحب جو گڏ ڪيل مواد پنهنجي نوعيت جو بيش قيمت سرمايو آهي ۽ بنيادي ماخذ ليکيو وڃي ٿو. مرزا قليچ بيگ بہ پنهنجي ڪتاب ”احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ لاءِ سڄو مواد مير صاحب کان ئي حاصل ڪيو هو. ”لطائف لطيفي“ جي مهاڳ ۾ مير صاحب لکيو آهي:

”آخر يک رسالہ در سنڌي کہ هنوز تا تمام بود بنظر محبت اثرعظيم الشان مير گل حسن خان بهادر رسيده و اوشان آن نسخہء متبرکہ بہ جهت مطالعہ والاشان مير صاحب امير علي خان بردند و بعد مدت مديد عالي شان مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ به ساختن رسالہ حضرت اولياء شايق مزيد شد و راقم هم از شنيدنِ آن بکمال مسرت معين او شان شدم و هرقدر اخبار محقق داشتم به مرزا رسانيدم و مرزا ازان انتخاب نموده باندک اکتفا کرد و دو نسخہء چيده تيار ساختہ کہ يکي در لغت انگريزي است و ديگر بزبانِ سندي مي باشد.“

يعني: ”آخر هڪ سنڌي رسالو جو آن وقت تائين اڻپورو هو، مير گل حسن خان جي نظر مان گذريو ۽ هن هيءُ نسخو مطالعہ ڪرڻ لاءِ مير صاحب امير علي خان کي ڏنو. وري ڪافي ڏينهن کان پوءِ مرزا قليچ بيگ شاهہ سائين بابت رسالو (ڪتاب) مرتب ڪرڻ جو وڏيڪ شوق ڏيکاريو. هيءَ ڳالهہ ٻڌي آءٌ خوشيءَ سان ان جو مددگار ٿيس ۽ جيترو تحقيقي مواد وٽم موجود هو، مرزا صاحب کي ڏنو ۽ مرزا صاحب ان مان ٿورو انتخاب ڪري ٻہ نسخا جوڙيا، جن مان هڪ انگريزيءَ ۾ ۽ ٻيو سنڌي زبان ۾ هو.“

مرزا صاحب شاهہ جي حياتيءَ تي ١٨٨٠ع ڌاري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ سندس سنڌي ڪتاب ١٨٨٧ع ۾ مڪمل ٿيو، جنهن کي پهريون ڀيرو ١٩٠٥ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. بقول سانگي، مرزا صاحب ڏنل مواد مان چونڊي ٿوري معلومات پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪئي، ان ڪري شايد مير صاحب کي خيال ٿيو جو، متان محنت سان گڏ ڪيل ناياب مواد ضايع ٿي وڃي، ان خيال سان هن پنهنجو ڪتاب ”لطائف لطيفي“ پارسي ٻوليءَ ۾ لکي، مرزا صاحب جي ڪتاب جي هڪ سال کان پوءِ ١٨٨٨ع ۾ پورو ڪيو. بعد جي مصنفن لاءِ هيءُ ڪتاب شاهہ جي حياتي بابت بنيادي ماخذ بڻجي ويو.

مرزا صاحب جو مرتب ڪيل ”رسالو“ ۽ ”احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ تہ سنڌي ادب ۾ وڏا ڪارناما سمجهيا ٿي وڃن ٿا، پر اسان جي خيال ۾ شاهہ جي موضوع تي مرزا صاحب جو سڀ کان نمايان ۽ اهم ڪم شاهہ جي رسالي جو تجزيو آهي، جو هن پنهنجي ڪتاب ”احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ جي سٽين، نائين ۽ ڏهين بابن ۾ پيش ڪيو آهي.

اڄ شاهہ جي رسالي جي سلسلي ۾ جنهن ڪم کي مثالي ڇڻي سگهجي ٿو، ان جي شروعات مرزا صاحب جي ڪتاب جي مٿي حوالہ ڏنل بابن سان ٿئي ٿي. عام طور سان سمجهيو ويندو آهي تہ شاهہ جي رسالي جي جديد ترتيب، ان جي سُرن جي سمجهاڻي، شاهہ جي ڪلام جي

فارسيءَ جو پروفيسر هو ۽ تصوف ان جو خاص موضوع هو، بلڪ هن تحقيق جي موضوع تي. لنڊن يونيورسٽي مان تحقيقي مقالو لکي پي ايچ ڊي جي ڊگري به حاصل ڪئي هئي.

اڄ به اسين ڏسي سگهون ٿا ته ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي رسالي جي مقدمي ۾ اسلامي تصوف تي تمام سهڻي انداز ۾ بحث ڪيو آهي ۽ ڪنهن تعصب کان سواءِ اظهار خيال ڪندي. قرآن ۽ حديث جي حوالن سان تصوف جي صداقت ڪبي ثابت ڪري ٿو. ان جي ان محققانه ڪم تي ڪنهن مسلمان ڪي به ڪو اعتراض نٿو ٿي سگهي، ڇو جو هن شروع کان آخر تائين علمي انداز برقرار رکيو آهي. هندوءَ هوندي به اهڙي سلجهيل نموني ۾ بحث ڪرڻ تي ان جي جيتري به تعريف ڪجي گهٽ آهي. باقي رهيو تصوف سان گڏ فلسفه ويدانت جو بيان، ته ان ۾ به ڪو قابل اعتراض پهلو ڪونهي، بلڪ هن صاحب ٻنهي جي تقابلي مطالعي جي سلسلي ۾ جا معلومات فراهم ڪئي آهي، ان مان اڄ به پڙهندڙ فائدو پرائي ٿو. ٻنهي صوفيانه مڪتبن جي بيان جي هڪڙي ٻي وجه به آهي ۽ اها هيءَ آهي ته هو هندن کي شاهه جي ڪلام مان وڌيڪ مانوس ڪرڻ ٿو چاهي، ان لاءِ جو شاهه ۽ سچل جي درگاهن جي مريدن ۽ عقيدتمند هندن کان سواءِ جي فارسي پڙهيل به هوندا هئا، پيا هندو فلسفهءَ وحدت‌الوجود کي ويدانت جي ذريعي ٿي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ اهڙو انداز هندو اهل ذوق ۽ خود گربخشاڻيءَ جي لاءِ به فطري هو. انهيءَ موضوع کي بنا ڪنهن واضح سبب جي عرو پرو اختلاف جو موضوع بڻايو ويو.

اڄ سڄي اختلاف ۾ اصل ڳالهه شاهه جي رسالي جي ترتيب ۽ ان تي مرزا قليچ بيگ جي تحقيقي ڪم جي اثر بابت هئي ۽ ڪنهن اديب هڪ سٽ به ان بابت نه لکي آهي، جنهن مان خيال پيدا ٿئي ٿو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن هيءُ ادبي معرڪو هليو هو، شايد اسان جا نقاد مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن جو مطالعو گهٽ ڪندا هئا يا شايد انهيءَ دؤر ۾ مرزا صاحب جا ڪتاب دستياب نه هئا. وجه ڪجهه به هجي، افسوس انهيءَ ڳالهه جو آهي ته مرزا صاحب ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي واري ترتيب بابت ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ به انصاف جي ڳالهه نه ڪئي ۽ نه وري اصل موضوع سان پورو انصاف ڪيو، حالانڪ هيءَ هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، انڪري جو گربخشاڻي جي رسالي جا ٽي ڀاڱا سنه ١٩٢٣ع، ١٩٢٤ع ۽ ١٩٣١ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيا هئا ۽ ان جي مقابلي ۾ مرزا صاحب جو ڪتاب ”احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ جو ٻهريون ڇاپو سنه ١٩٠٥ع ۾ آيو هو ۽ ان کان پوءِ ٽن ٻين ايڊيشنن ۾ شايع ٿي چڪو هو، جنهن سان گربخشاڻي جهڙي اسڪالر ۽ محقق جي اڻواقف هئڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، انڪري جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي رسالي جي ٻهرين جلد ۾ مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن مان فائدو وٺڻ جو پاڻ اعتراف ڪيو آهي. اهڙي حالت ۾ رسالي جي ان باڪمال مؤلف جي مرزا قليچ بيگ جي رسالي جي جائزي ۽ تدوين جي رٿا مان تجاهل عارفانه تي تعجب آهي. مرزا صاحب جي انهيءَ ڪتاب جو پنجون ۽ آخري ڇاپو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ١٩٧٢ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن کي ڏسي هرڪو حقيقت حال کي معلوم ڪري سگهي ٿو

# پروفيسر اڪرم انصاري - سرت ۽ ساڃاهه جو صاحب

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

پروفيسر محمد اڪرم انصاري سان منهنجي ملاقات ان وقت ٿي، جڏهن هو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جو پرنسپال هو، ۽ آءٌ اسلاميه ڪاليج سکر ۾ پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جو صدر هوس. ادبي جلسن ۾ گڏبا هئاسون ۽ مقالا پڙهندا هئاسون. سندس مقالن ۽ تقريرن ۾ فڪر جي گهرائي ۽ هوندي هئي ۽ خيال جي پاڪيزگي به نمايان هوندي هئي. ان سان گڏ مون ڏٺو ته هن ۾ نهٺائي هئي، سنجيدگي هئي، علم ۽ ادب جي پانڌيئڙن جي قدرداني هئي ۽ شاهه لطيف جي شعر سان عشق جي حد تائين محبت هئي. ٿورو ڳالهائيندو هو، پر جيڪي ڪجهه ڳالهائيندو هو، اهو ائين معلوم ٿيندو هو، ته ڄڻ ماڻڪ موتي لعل ۽ هيرا لعل هزار ورڪا ٿي رهيا آهن. هو مون کي شاهه لطيف جي شعر جو تمام وڏو ڄاڻو معلوم ٿيندو هو. ان هوندي به هو مون ناچيز کان شاهه صاحب جي ڪن شعرن جو مفهوم پڇندو هو ۽ تبادلهءِ خيالات ڪندو هو. اهوئي سبب هو، جو هو مون کي حقيقي معنيٰ ۾ عالم ۽ فاضل نظر آيو. عالم کي غرور نه هوندو آهي ۽ هو پاڻ کي حرف آخر نه سمجهندو آهي. "پڇيا نه منجهيا، جي پڇن سي ويا"، صحيح عالم جي سڃاڻ هوندي آهي. انصاري صاحب به اهڙوئي عالم هو. مان دل سان سندس عزت ڪرڻ لڳس ۽ هن جو به مون سان انس ٿي ويو. اهو محبت ۽ خلوص جو تعلق هر هميشه قائم رهيو، شاهه لطيف جي لفظن ۾:

جڏهانڪر ٿيام، ساڃاهه سپيرين سين،
تڏهانڪر تـر جيترو، ويـر نـه وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

دل جي ڳالهه دل سمجهندي آهي. هو علم جي لحاظ کان به قدآور شخصيت هئي، ته عهدي جي لحاظ کان به کيس وڏي حيثيت حاصل رهي. ڪجهه وقت کان پوءِ هو اسان جو ڊائريڪٽر ٿي ويو. ان جي باوجود هن ۾ ڪوبه فرق نه آيو. هو مون سان ساڳي ئي نموني سڪ ۽ ساڃاهه سان ملندو هو ۽ شاهه صاحب جي شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت مون سان تبادلهءِ خيالات ڪندو هو. مون کي پنهنجا مقالا پڙهائيندو هو ۽ مون کان راءِ پڇندو هو، ته شاهه صاحب جي فڪر جي صحيح معنيٰ ۾ وضاحت ٿيل آهي، يا نه؟ اها سندس عظمت هئي، ورنه حقيقت اها آهي، ته هو شاهه صاحب جي شعر جو اسان کان وڌيڪ ڄاڻو هو ۽ شاهه جي

شعر جو تمام ګوڙهو مطالعو ڪيو هئائين. هن قديم ۽ جديد فلسفي ۽ مغربي ادب جو ګوڙهو مطالعو ڪيو هو؛ ۽ ان اڀياس کي سامهون رکي شاهه صاحب جي شعر کي پرکيو ۽ پروڙيو هو. ان جي نتيجي ۾ هو ان راءِ جو هو، ته شاهه صاحب جو فڪر مڙني مفڪرن کان مٿانهون آهي.

اهڙا سندس محبت، شفقت ۽ قدرداني هئي، جو هن ڊائريڪٽر ٿيڻ سان مون کي پرنسپال مقرر ڪيو. وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪيائين، تہ جيئن مون کي لياقت جي بنياد تي پروفيسر جو گريڊ ملي؛ پر هو ان ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيو. حقيقت اها آهي، ته هو عالم هو، اديب هو ۽ صحيح معنيٰ ۾ استاد هو؛ ۽ سياسي جوڙ توڙ ڪري نہ سگهندو هو. سادو، سڀاجهو ۽ سلڇڻو هو. وڏن ماڻهن جي خوشامند ڪري نہ سگهندو هو؛ ۽ ڪن جي درن تي جُتيون نہ گسائيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هو ڊائريڪٽر آف ڪاليج ايجوڪيشن جو عهدو ڇڏي، وري يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ پروفيسر ٿيو.

مان محسوس ڪندو هوس، تہ هن کي ان ڳالهہ جو دلي افسوس هو، تہ هو مون کي پروفيسر جو پروموشن ولي ڏيئي نہ سگهيو. الله تعاليٰ ڪارساز آهي. هڪ ڀيري جڏهن هو ڊائريڪٽر هو، تہ آءٌ پرنسپال جي حيثيت ۾ سندس آفيس ۾ ويٺو هوس. ائين ڪندي سندس ٽيبل تي ڪي ڪاغذ آيا. هڪ ليٽر اهو بہ هو، جنهن ۾ حڪومت ڪانٽس پڇيو هو، تہ حڪومت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي معرفت پروفيسر گريڊ جون جايون پُرڻ گهري ٿي، اوهان ان سلسلي ۾ جن سبجيڪٽس جا پروفيسر مقرر ڪرائڻ گهرو، انهن سبجيڪٽس جا نالا لکي موڪليو. ليٽر پڙهي، مون کي چيائين تہ ڏاڍو سٺو موقعو مليو آهي، اوهان جيڪڏهن ڊائريڪٽ سليڪشن ۾ ويهڻ گهرو تہ آءٌ ٻين سبجيڪٽس سان گڏ "سنڌي" سبجيڪٽ بہ لکي موڪليان. مون خوشيءَ سان هائو ڪئي، ۽ هن ٻين سبجيڪٽس سان گڏ سنڌي بہ لکي موڪليو. اتفاق وري اهڙو ٿيو، جو جڏهن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مون پروفيسر آف سنڌي جي آساميءَ لاءِ فارم ڀريو، تہ ان کان پوءِ جلدئي انصاري صاحب ڪميشن جو ميمبر مقرر ٿيو. ڪميشن ۾ پروفيسر آف سنڌي جو انٽرويو ڏيڻ ويس، تہ انصاري صاحب منهن جو انٽرويو وٺڻ واري بورڊ ۾ ميمبر هو. شاهه صاحب جي خاص بيتن جي لسٽ ٺاهي ڪئي آيو هو، جن جو مفهوم هن مون کان سمجهڻ گهريو ٿي. هو مون کان بيتن جي معنيٰ پڇندو رهيو، ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث مباحثو ڪندو رهيو. هو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ سندس منهن ٻهڪڻ لڳو. حقيقت اها آهي، تہ عالم کي ڪنهن علمي مسئلي جي سلجهاءَ تي جيڪا دلي مسرت حاصل ٿيندي آهي، ان جو ڪاٿو ڪٿي نہ ٿو سگهجي.

انصاري صاحب ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. سندس شخصيت ۾ ڪيترائي گڻ هئا. سُرت ۽ ساڃاهہ سان گڏ، سنجيدگي، سلڇڻائي، نهٺائي، سڀاجهائي، حضور شرمي، حياءُ، خلوص، سچائي، سچيتائي ۽ سڪ سندس سيرت ۾ سمايل هئا. مون ڪڏهن بہ هن ۾ غرور ۽ تڪبر نہ ڏٺو ۽ نہ ڪڏهن ڪيس وڏماڻهپائي جتائيندو ڏٺم ۽ ٻڌم. هو اندر ٻاهر هڪ جهڙو لڳندو هو ۽

آهي دلگداز ۽ روح فرسا گهڙيون، جن جي ٻاٽ اوندهه ۾ ظلم ۽ تشدد جي چڙواڳ، ديو جو وحشي هٿ، قوت ۽ طاقت جي آڙ ۾، زندگيءَ جي معصوم ۽ ڪنول جهڙين اڇين اجرين دلين کي نڙڻ ۽ ڪلڻ ڪان اڳ مروڙي ٿو اڇلائي، سڄي ڪائنات تي هڪ لرزه انگيز سڪوت طاري ڪيو ڇڏين. شاعر ۽ اديب پنهنجي غمزده خاموشيءَ ۾ غرق ٿي ٿو وڃي. مشاهدي جي اک، مان وهيل ڳوڙها، قلم جي ذريعي ڪاغذ تي ڳڙي، خاموش زبان ۾ جو ڪجهه نقش ٿا ڪن، ان کي ماڻهو شعر ۽ افسانو ٿا سڏين.

— غلام محمد گرامي

ڪهاڻيون

"هر وڏو شاعر ۽ اديب، پنهنجي فڪري پرواز جي سبban، عوام جي ذهن ۽ فڪر جي پهچ کان گهڻو مٿي ٿي ٿو. سندس فن، هر اعتبار کان، عام ماڻهن جي ذهني سطح کان صدين جي مفاصلي تي پرواز ڪندو رهي ٿو. هو جڏهن تخيل ۽ فڪر جي بلندين تي اڏري ٿو، تڏهن عوام جو ذهن، سندس معيار ۽ رفتار جو ساٿ ڏئي نٿو سگهي. ان بلنديءَ تي پهچي، هو جو ڪجهه به محسوس ڪري ٿو، ۽ شدت جذبات کان جا به واردات مٿس ٿئي ٿي، اها سندس روح جي ترجماني ڇئي وڃي ٿي. جيستائين عام ماڻهن جو ذهن، سندس بلنديءَ سان ساٿ ڏئي نٿو سگهي، تيستائين سندس فن نه فقط عوام لاءِ ناقابل فهم رهي ٿو، پر ان سان گڏ سندس هم عصر به سندس بلنديءَ تي اڏري نٿا سگهن، ان ڪري سندس فن جو انڪار ڪن ٿا."

# گذريل وقت جو گهاءُ

غلام رسول ڪلهوڙو

ڪار آهستي آهستي هلندي مين روڊ تي پهتي ۽ پوءِ شهر جي ٻاهرين پاسي کان اچي نڪتي. شهر جي آخري چونڪ تي ماڻهن جي چرپر گهٽيل هئي. چونڪ جي کاٻي پاسي کان ٿورو پري هڪ پارڪ هو ۽ پارڪ ۾ پپل جو هڪ گهاٽو وڻ هو، جيڪو ايامن کان اتي بيٺل هو. پپل جي گهاٽي ڇانو ان علائقي ۾ مشهور هئي. اڪثر راهگير گرميءَ جي موسم ۾ پيرين گهڙيون اتي ترسي ٿڪ لاهي اڳتي روانا ٿيندا هئا.

انور ڪار کي پارڪ جي ويجهو وٺي بيهاريو ۽ پوءِ نرگس کي چوڻ لڳو: ”تون ٿورو اتي ترس ته مان اوسي پاسي کان ڪجهه کائڻ لاءِ وٺي اچان.“

ائين چئي انور ڪار مان لهي ويو ۽ هوءَ هوا جو لطف ماڻڻ لاءِ گاڏيءَ مان ٻاهر نڪري اچي پپل جي وڻ هيٺان بيٺي. پپل جي ٽڏڙي هير هن جي ڪنن مان سرگوشيون ڪرڻ لڳي. وقت گذارڻ لاءِ هن پپل جي وڻ تي هڪ سرسري نظر وڌي ۽ پوءِ کيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ هوءَ ان وڻ وٽ اڳ به ڪڏهن آئي هجي پر ڪڏهن! اهو کيس چٽيءَ ريت ياد نٿي آيو. هن وري هڪ نظر پپل جي چئني پاسن تي وڌي. اوچتو سندس اکيون هڪ جهوني ۽ ٿلهي ٽار تي وڃي کتيون. ٽار جي شروع واري حصي ۾ ڪنهن تکيءَ شيءِ سان چهڪ ڏيئي ٻه ٿلها اکر لکيا هئا، جيڪي هيٺر ٿورا ٿورا مٽجي ويا هئا. نرگس غور سان انهن اکرن کي پڙهيو، لکيل هو ’J – N‘.

اهي اکر پڙهندي ئي هن جا سنهڙا ۽ گلابي چپ لبرزڻ لڳا ۽ سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هن پاڻ کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس صبر جو بند ڄڻ ٽٽي پيو ۽ سندس چپن آهستڙي مگر بي اختيار چئي ڏنو- ”جاويد“

۽ پوءِ هن جي آڏو پنج سال اڳ وارو منظر ڦري آيو. هوءَ ۽ جاويد ڪاليج کان موٽندي ڪي گهڙيون ان پپل جي هيٺان اچي ويٺا هئا- پوءِ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جاويد، پپل جي هڪ ڏار تي ننڍڙي چاقوءَ سان چهڪ ڏيئي، ٻه اکر لکيا هئا- ’J – N‘

”اهو ڇا پيو ڪرين جاويد؟“ نرگس جي سوال ۾ شرارت ۽ اکڙين ۾ پيار هو.

”پنهنجيءَ دل کان پڇ“. جاويد ورائيو هو.

"اڙي ٻاني، تون وري ٻئي جهان ۾ هلي وئين ها؟"

"هون." نرگس ڇرڪ ڀري ڀوئنتي نهاريو ته انور ٻولڪا جون ٻه ڍبيون کنيو مشڪي رهيو هو. نرگس جلدي جلدي اکين کي اگهيو ۽ منهن تي سرهائي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي پر اُئين ٿي ڀانيو ڄڻ اندر جي آندمانڌ هن جي چهري جو ساٿ نٿي ڏنو.

"ڏس وري اداس ٿي وئين نه؟" انور هن جي ريشمي لٽن سان کيڏندي چيو، "شايد ان ۾ هن ٻيل جي وڻ جو به ڪجهه ڏوهه آهي."

"نه ته، مان اداس ڪٿي آهيان." هن پنهنجي چپن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻئي ڪار ۾ وڃي ويٺا. انور ڪار اسٽارٽ ڪئي ۽ سنڌس موڙ آن ڪرڻ لاءِ هلڪي هلڪي سيٽي وڄائيندو هليو. نرگس به هن جي سيٽيءَ جو جواب مرڪ سان ڏيندي رهي، پر پري ڪٿي سنڌس اکڙين جي ڪنڊ ۾ ٻه ستهڙا موتي اڃان تائين ڇرڪيا پئي!



ذهن تي ٻار هيس، جنهن ڪيس منجهائي وڌو هو--اڄ خبر پئي هيس ته سڄو موڊ ڪيڏي نه وڏي غنيمت آهي ۽ خوشيءَ جي حقيقت ڇا آهي.

هو حسب معمول راند واري وقت ڪپڙا مٽائي راند لاءِ تيار ٿي سائيڪل ڪاهي گهران نڪتو. پنهنجي گهٽي لتاڙي عامر جي گهٽيءَ ۾ پهتو--هو هڪ لمحي لاءِ ڪجهه جهجڪيو، پر وجي عامر جو در کڙڪايائين.

عامر گهر کان ٻاهر نڪتو. سندس چهري تي هميشه رهڻ واري مرڪ ڪٿي به نظر نه پئي آئي. صابر جي دل هيڪاري وڌيڪ منجهي وئي--هن دل ڪڙي ڪري مشڪي چيو، "هلون راند تي؟"

عامر جي منهن تان ڄڻ جهڙ لهي ويو. مشڪ ته اڃان نه آئي هئس، پر سندس مونجهارو لهي ويو هو--هن ڪنڌ سان ها ڪئي ۽ گهر وڃڻ لاءِ پٺتي موٽيو.

صابر جي طبيعت به ڄڻ هڪدم ٺيڪ ٿي وئي. هن ڪلندي چيو، "عيد وارو ٻوٽ به ڪنيو اچ، اڄ عيد آهي."

عامر هلڪو ٽهڪ ڏيندي ڪنڌ ورائي هن ڏي ڏٺو. سندس اکين ۾ ساڳي چمڪ موٽي آئي هئي.



(تبصري لاءِ ٻه ڪاپيون موڪلڻ لازمي آهن)

## (۱) سنڌي سينگار شاعري

تازو محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تحقيقي ڪتاب ”سنڌي سينگار شاعري“ ڇپيو آهي. هي لوڪ ادب سلسلي جو نهايت اهم ڪتاب آهي، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان هن سال شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب جو مواد ڊاڪٽر صاحب ڪيترائي ورهيه ڏاڍي محنت ۽ محبت سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي گڏ ڪيو آهي ۽ ان کي محققانه انداز سان سوڌي، سنواري ۽ سينگاري پيش ڪيو آهي.

سينگار، سنڌي لوڪ ادب جي معياري ۽ منفرد صنف آهي، جيڪا سنڌ جي شاعرن ۽ سگهڙن هندي سينگار شاعريءَ جي دوهن کان متاثر ٿي، پنهنجي ماحول کي نظر ۾ رکي، پيش ڪئي آهي. هن ۾ محبوب جي سونهن ۽ سينگار جي ساراهه ڪئي ويندي آهي ۽ سهڻين تشبيهن ذريعي محبوب جي حسن کي نمايان ڪيو ويندو آهي. تشبيهون گهڻي قدر هندي شاعريءَ واريون آنديون وينديون آهن، پر ان سان گڏ پنهنجي ماحول مان به تشبيهون اخذ ڪري استعمال ڪيون وينديون آهن.

هن سلسلي ۾ پهريائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تحقيقي مقالو ”هندي ۽ سنڌي شاعري جو لاڳاپو“ جي عنوان سان سه ماهي ”مهراڻ“ ۾ ۱۹۵۵ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جو ڪتاب ”سنڌ جو سينگار“ ۱۹۵۶ع ۾ شايع ٿيو. محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي محققانه ڪتاب ۾ پنهنجي مقالي جو مناسب مواد به آندو آهي، ۽ محترم ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي ڏنل مواد کي به پنهنجي هٿ ڪيل مواد سان پيٽيو آهي. هي ڪتاب مهاڳ ۽ ديباچي کان سواءِ ستن بابن ۽ ٽن ضميمن تي مشتمل آهي ۽ ۳۲۳ صفحن تي ڦهليل آهي.

پهرين باب ۾ ”هندي سينگار رس“ جو پس منظر، رس ۽ سينگار رس جي تعريف آندي وئي آهي. ”رس“ جي وصف بيان ڪندي لکيو اٿس: ”رس، سنسڪرت زبان جو جامع لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي ”انتهائي لطف، لذت، خوشي يا مسرت.“ اصطلاحي معنيٰ موجب ”رس“ سنسڪرت ۾ جماليات جي دائري ۾ هڪ خاص فلسفي جي حيثيت رکي ٿو، جنهن جو تعلق خاص طرح شاعريءَ ۽ ناٽڪ جي اسباب، اثرات ۽ علامات سان آهي. (ص ۳)

سينگار رس جي وضاحت ڪندي ڄاڻايو اٿس:

"انسان جا نوَ مستقل جذبات، جن جي بناء تي آسانيءَ خاطر "رس" جا بہ نوَ قسم تجويز ڪيا ويا آهن، انهن مان هڪ شرنگار "رس" هڪ نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن جي ارتقائي درجي کي عشق ۽ محبت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو."

اهڙيءَ طرح رس، شرنگار رس ۽ هندي شاعريءَ جي صنف "سنگار رس" تي تفصيل سان روشني وڌي اٿس. ٻڌايو اٿس تہ "شرنگار رس" ۽ هندي "سنگار رس" ۾ فرق آهي. "شرنگار رس" بي انتها سرور واري نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن کي شاعري يا ڊراما ذريعي پيدا ڪيو وڃي ٿو. "سنگار رس"، هندي شاعريءَ جو هڪ قسم آهي، جنهن ۾ محبوب جي حسن ۽ عشق جو ذڪر هوندو آهي، ان سان گڏ عورت جي ساٿ، سينگار ۽ سورهن سينگار جو بيان بہ آندو اٿس. "سينگار رس" شاعريءَ جو سنڌ تائين پهچڻ جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو اٿس تہ، حسن ۽ عشق جي هيءَ شاعري ڀرپائين راجستان جي سگهڙن، ڀٽن ۽ چارڻن وٽ آئي، ۽ اتان سنڌ جي سگهڙن وٽ پهتي.

ٻئي باب ۾ سنڌي سينگار شاعريءَ تي نهايت تفصيل سان روشني وڌي اٿس، ۽ هر پهلوءَ کي کولي بيان ڪيو اٿس. سنڌي سينگار شاعريءَ جو فن ۽ فڪر جي لحاظ کان بہ جائزو ورتو اٿس تہ ان جي ابتدا ۽ تاريخي ارتقا تي بہ بحث ڪيو اٿس. محترم ڊاڪٽر صاحب بلڪل صحيح تجزيو ڪيو آهي تہ سنڌي سينگار شاعري جيتوڻيڪ هندي سينگار شاعري کان متاثر آهي، ۽ ان ۾ هندي شاعريءَ جو اسلوب بيان ۽ تشبيهون آنديون ويون آهن، ان هوندي بہ سنڌي سينگار شاعري سنڌي ثقافت ۽ روايتن ۽ مزاج سان هم آهنگ آهي. ڊاڪٽر صاحب جو جائزو نهايت جامع، واضح ۽ حقيقت تي مبني آهي. هڪ هنڌ لکيو اٿس:

"سينگار رس لاءِ استعمال ٿيل هندي ٻوليءَ جي لغت محض سنسڪرت ۽ هندي محاورن تائين محدود هئي، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن پنهنجي "سنڌي سينگار" فن لاءِ هڪ طرف پنهنجا انوکا سنڌي لفظ اختيار ڪيا. ٻئي طرف 'سينگار رس' شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل سنسڪرت ۽ هندي اسمن کي پنهنجو ڪيو، ۽ ٽئين طرف وري عربي، فارسي ۽ بلوچي وغيره ٻولين مان انوکن اسمن جو هڪ وڏو سرمايو هٿ ڪيو."

سينگار شاعريءَ ۾ مجازي حسن جي تعريف ڪئي ويندي آهي. محترم ڊاڪٽر صاحب حقيقت کي واضح ڪندي ظاهر ڪيو آهي تہ سنڌي شاعريءَ جي عام اسلوب بيان ۾ مجازي حسن جي تعريف پڻ "سينگار شاعري" جي زير اثر شروع ٿي. وڌيڪ ڄاڻايو اٿس تہ سنڌ جي سگهڙن لڪير جو فقير ٿي "هندي سينگار" جي هوبهو تقليد نہ ڪئي، پر "سورهن ۽ ٻارهن سينگارن" جو هڪ نئون نظريو قائم ڪيو، جنهن موجب "سورهن سينگار" عورت جي فطري حسن سان مخصوص ڪيائون ۽ باقي "ٻارهن سينگار" عورت جي جڙتو جنسارن سان لاڳو ڪيائون.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مطالعو ڪيو ويندو، ته معلوم ٿيندو ته تصوف سنڌي شاعريءَ جو مک ۽ بنيادي مضمون رهيو آهي. سنڌي سينگار شاعري جيتوڻيڪ حسن ۽ عشق جي شاعري آهي، ۽ ان ۾ مختلف تشبيهن ذريعي حسن جي تعريف ڪئي ويندي آهي، ان ۾ تصوف جو رنگ ظاهر آهي. محترم ڊاڪٽر صاحب انهيءَ حقيقت کي به کولي بيان ڪيو آهي، ۽ ڏيکاريو اٿس ته سنڌ جي سڄاڻ شاعرن سورهن ۽ ٻارهن سينگارن جو اهڃاڻ ڏيئي، آخر ۾ هن حقيقت کي واضح ڪيو آهي، ته حقيقي محبوب جو حسن جملي ظاهري وصفن کان بالاتر آهي. نه فقط ايترو، پر سنڌ جي شاعرن، سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ حسن جي تعريف جو رخ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حسن ۽ جمال ڏانهن موڙيو. انهيءَ حقيقت کي واضح ڪندي محترم ڊاڪٽر صاحب بالڪل صحيح لکيو آهي:

> ”سنڌي سينگار جي اڪثر شاعرن، بطور آخري مقصد جي، نبي صلعم کي پنهنجو حقيقي محبوب ڪري ڄاتو، ۽ نبي صلعم جي سونهن کي ئي معياري حسن ڪري ميڃيائون. انهيءَ نظريي ۽ خيال جي زيراثر فن سينگار کي عام طور ”نبي صلعم جو سينگار“ ڪري تسليم ڪيو ويو. اڄ تائين سنڌ جي سگهڙن وٽ ”سينگار“ جي تعريف ”نبي صلعم جو سينگار“ آهي، يعني اهي بيت، جن ۾ نبي صلعم جي معياري حسن کي مجازي رنگ ۾ ڳائجي.“

اهڙيءَ طرح محترم ڊاڪٽر صاحب ٻئي باب ۾ سينگار شاعريءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وجهي، ان جو حقيقت پسندانه جائزو پيش ڪيو آهي. تاريخي ارتقا تي روشني وجهندي ڏيکاريو اٿس، ته سنڌي سينگار شاعري ڪلهوڙن جي دؤر کان ٿورو اڳ شروع ٿي، ۽ ان کي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جلال ڪنيءَ اوج ۽ ڪمال تي پهچايو. جلال ڪني سينگار شاعريءَ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. ڪتاب جي ٽين باب ۾ جلال ڪنيءَ جي فن ۽ فڪر جي خوبين ۽ خصوصيتن کي واضح ڪيو ويو آهي ۽ ثابت ڪيو ويو آهي ته جلال، سنڌي سينگار شاعريءَ جو سرواڻ هو. اهو جلال جو ئي تخيل آهي، ته محبوب جو حسن سڙني کان مٿانهون آهي، يعني ”جانب وڏ جلال ڇئي.“ محترم ڊاڪٽر صاحب سندس شاعريءَ جي موضوع ۽ مقصد جي وضاحت ڪندي ڄاڻايو آهي ته جلال عاشقِ رسول هو ۽ هن انهيءَ عشق ۽ محبت جو اظهار مٺو سنئون توڙي تمثيلان ذريعي پنهنجي سينگار شاعريءَ ۾ ڪيو آهي.

باب چوٿين ۾ جلال جي وقت جي سينگار جي ٻين شاعرن جو تذڪرو آندو ويو آهي، جهڙوڪ: خالو ڪني، خضر ڪني، ڏاتو ڪني، ملان ڪني، صدرالدين چارڻ، سليمان چارڻ ۽ گلاب چارڻ. جلال کان پوءِ واري لاڳيتي دور ۾ جيڪي شاعر ٿي گذريا، انهن جو احوال پنجين باب ۾ آندو ويو آهي. هن باب جي شروع ۾ واضح ڪيو اٿس، ته شروع ۾ سينگار شاعريءَ جو ماڳ ۽ مرڪز جلال جو پنهنجو علائقو موندر (ضلعو دادو) هو، جتان اهو ذوق سڄيءَ سنڌ ۾ ويندي لس ٻيلي تائين عام ٿيو. ڪبير شاهه جي ذريعي هي فن لس ٻيلي پهتو،

مٿي مختصر نموني ۾ محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪتاب ”سنڌي سينگار شاعريءَ“ جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ان مان معلوم ٿيندو ته محترم ڊاڪٽر صاحب وڏي جاکوڙ بعد سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ گهمي سنڌي شاعريءَ جي هن انوکي صنف متعلق مواد گڏ ڪيو آهي. جيئن ڪي ڪو ڪک ڪنان ته ڪو ڪک ڪنان هٿ ڪري اچي آ ڪيرو ٿاهيندو آهي، اهڙيءَ طرح محترم ڊاڪٽر صاحب به ڪٿو ڪٺو ڪري سنڌي سينگار شاعريءَ جا بيت گڏ ڪيا آهن ۽ انهن کي سنواري سينگاري، سهڻي سٽاءُ ۾ رکي، سنڌي سينگار شاعريءَ جي خوبصورت عمارت اڏي آهي.

هن قسم جو مواد گڏ ڪرڻ ئي پنهنجي ليکي وڏو تحقيقي ڪارنامو آهي؛ پر جنهن سهڻي سٽاءُ سان ڊاڪٽر صاحب ان کي پيش ڪيو آهي، اهو بلاشبہ تحقيق، تنقيد ۽ تدقيق جي لحاظ کان عظيم شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. سنڌي علم ادب ۽ ثقافت تي محترم ڊاڪٽر صاحب جو هي عظيم احسان آهي، جيڪو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سونهري لفظن ۾ لکڻ جي لائق آهي.

ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ سنڌي سينگار شاعريءَ جي وصف بيان ڪئي آهي، ان جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون آهن ۽ ان سان تعلق رکندڙ هر پهلو تي روشني وجهي، ظاهر ڪيو آهي، ته هي ”هندي سينگار“ شاعريءَ جو نقل نه آهي، پر ان ۾ انفرادي خصوصيتون آهن، جيڪي سنڌي ثقافت، ماحول ۽ مزاج مان اخذ ڪيل آهن. نه فقط ايترو پر سنڌي سينگار شاعري، هندي سينگار شاعريءَ کان فن ٺوڙي فڪر جي لحاظ کان اتم ۽ اعليٰ آهي.

ان سان گڏ محترم ڊاڪٽر صاحب سنڌي سينگار شاعريءَ جي ابتدا ۽ ارتقا تي روشني وجهي، تاريخي طور ۽ علاقہ وار سنڌي سينگار جي شاعرن جو تذڪرو بيان ڪيو آهي. اهو به ڏيکاريو اٿس، ته هي فن ڪٿان هليو ۽ ڪهڙي وات وٺي، سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيو، وڌيو ۽ ويجهيو. سندس تحقيق موجب هي فن پهريائين جلال وٽ ضلعي دادو ۾ اوج ڪمال تي پهتو. اتان هڪ وات وٺي لس بيلي پهتو ۽ ٻي وات ذريعي لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ سکر ضلعن ۾ آيو. اتان وري هيٺ لاڙ طرف آيو. سينگار جي شاعرن جو احوال ڏيندي، انهن جي حياتيءَ جو احوال به آندو اٿس، ته سندن فن ۽ فڪر جي خوبين ۽ خصوصيتن کي به نروار ڪيو اٿس. ان کان پوءِ انهن شاعرن جا بيت، جيڪي ملي سگهيا اٿس، اهي ڏنا اٿس. سينگار جي بيتن ۾ جيئن مختلف ٻولين جا لفظ ۽ انوکيون تشبيهون آيل آهن، بيتن جي هيٺان لفظن جي معنيٰ ۽ سولي سنڌيءَ ۾ انهن جي سمجهاڻي به ڏني اٿس.

مطلب ته هي ڪتاب سنڌي تحقيقي ادب ۾ هڪ عظيم ڪارنامو آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي عظمت جو وڏو دليل آهي. هن ڪتاب جي پيشڪش تي ڊاڪٽر صاحب بيشڪ ڪيرون لهڻيون. ان سان گڏ سنڌي ادبي بورڊ به هن ڪتاب جي اشاعت تي مبارڪباد جو مستحق آهي.

--ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

## (2) "Pearls From The Indus"

ازَ: پروفيسر انيميري شمل: ص ٢٢٧؛ سائيز ڊيمي؛ قيمت ١٢٥.٠٠ رپيا؛ ناشر: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو؛ سال ١٩٨٦ع.

جرمني ۽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي لاڳاپن جو هڪ ڊگهو سلسلو موجود آهي. مرزا قليچ بيگ ۽ چيتمل پرسرام (مثال طور) ٻارن عالمن سنڌي ترجمن ذريعي اسان کي جرمن ادب ۽ فڪر سان متعارف ڪرايو ته، ٻئي طرف ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ پروفيسر شمل جا نالا نشانبر آهن، جن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي نه رڳو جرمن ۾، پر انگريزي تحريرن ذريعي سڄيءَ دنيا تائين پهچايو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ هڪ صدي اڳ سنڌي شعر ۽ ادب جي خدمت جي ابتدا ڪئي ۽ ٺيڪ هڪ صدي پوءِ ڊاڪٽر شمل جو سنڌ سان تعارف ٿيو. انيمري شمل جو سنڌ متعلق مطالعو، جستجو ۽ جاکوڙ جتي سندس ذاتي لگن ۽ اڻ ٿڪ محنت سبب ممڪن ٿي، اتي ان ڏس ۾ مرحوم پير حسام الدين راشدي جي خدمتن کي به نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي، جيڪو هن جرمن عالمه کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وٺي ويو، قلندر، سچل ۽ لطيف جي درگاهن جو درشن ڪرايو ۽ ڪيس مسلسل سنڌ متعلق مواد فراهم ڪيو. ٻئي طرف خود هن مصنفه به مرحوم راشدي صاحب کي سنڌ جي تاريخ بابت هر ممڪن نئون ذريعن مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مثال طور ڄام لنڊي جي دور ۾ هرات سان ٿيل هڪ خوني معرڪي جو مفيد چِٽُو "فتح نامه سنڌ"، جيڪو مرحوم پير صاحب "مڪلي نامه" ذريعي ڇاپيو آهي، اهڙو قيمتي دستاويز به، ڊاڪٽر شمل جي هٿان سنڌ پهتو. ان ڏس ۾ ڪي ٻيا مثال به ڏيئي سگهجن ٿا.

ڊاڪٽر شمل گذريل ٽيهن سالن کان پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ تي لکندي رهي آهي. هن پوري عرصي ۾ سندس ڪوشش هي ٿي رهي آهي ته، سنڌ جهڙي نظرانداز ڪيل خطي جي علم ۽ ادب توڙي ڪلچر کي دنيا سان متعارف ڪرائجي. ان قسم جي خدمتن جو هڪ ڊگهو رڪارڊ موجود آهي، پاڻ وقت به وقت سنڌ جو سفر پڻ ڪندي رهي آهي. تبصري هيٺ آيل ڪتاب "پرلس فرام دي انڊس" يعني "مهراڻ جا موتي" انهن مضمونن ۽ مقالن جو مرڪب آهي، جيڪي پروفيسر شمل ١٩٦٠ع کان ١٩٦٥ع واري زماني ۾ تحرير ڪيا ۽ ٽيرهن سال اڳ مسودي جي شڪل ڏيئي انهن کي سنڌي ادبي بورڊ آڏو پيش ڪيائين. ان بعد به فاضل مقاله نگار طرفان جرمني ۽ انگريزي ۾ ڪل ڇهه ڪتاب ڇپيا آهن، جن جو واسطو پاڪستان ۽ خاص طرح سنڌي زبان ۽ سنڌ جي ڪلچر سان آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ جو مفصل مطالعو، سنڌي لٽريچر ۽ شاهه جو جرمن منظوم ترجمو — ان ضمن ۾ خاص اهميت رکن ٿا. سنڌي لٽريچر بابت سندس مختصر ڪتاب سال ١٩٨١ع ۾ پروفيسر غلام حيدر پرڙي سنڌيءَ ۾ به ترجمو شايع ڪيو هو. هن تمهيد بعد اسين هيٺ "پرلس فرام دي انڊس" جو ذڪر ڪنداسين.

هن ڪتاب ۾ ڪل نَوَ عنوان ڏسجن ٿا. پهرئين عنوان تحت ڊاڪٽر صاحبه ان سوال جو جواب ڏنو آهي ته مون سنڌي زبان ڇو سکي؟ ان بعد "سنڌ جو تعارف" مليل ٿو، جيڪو

۾ ان جو انتظام "سنڌ سڀا" جي حوالي ٿيو، جنهن ساڌو هيرانند کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو. ساڌو صاحب سن ۱۸۹۰ع کان پوءِ "سڌار پتريڪا" ۽ "سرسوتي" نالي پرچا جاري ڪيا هئا.

هنن تاريخي اشتباهن کان علاوه ڪجهه پروف غلطين سبب به ڪٿي ڪٿي تسلسل ٽٽل ڏسجي ٿو. مثال طور "سنڌي ۾ قرآن پاڪ جا تفسير ۽ ترجما" واري مضمون ۾ جيڪي پيراگرافن نمبر ڏنا ويا آهن، انهن ۾ ڪجهه نمبر غائب ٿا ڏسجن. ان کان علاوه هن اهم ڪتاب ۾ انڊيڪس جو نه هجڻ هڪ وڏي علمي کوٽ جي علامت آهي. سنڌي ادبي بورڊ جو دنيا ۾ مان ۽ مرتبو پنهنجي شاهڪار ادبي ۽ علمي ڪتابن جي سهڻي ڇپائي سبب عالم آشڪار آهي. جناب علي احمد بروهي جو ڪتاب انڊيڪس نه هجڻ سبب، تحقيق ۽ تاريخ جي فن سان دلچسپي رکندڙن وٽ، هڪ اڻ پوري ڪتاب جي شڪل ۾ قبول ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ هي ٻيو علمي ڪتاب آهي، جنهن ۾ انڊيڪس شامل نه ڪئي وئي آهي. سنڌي ادبي بورڊ کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. هنن سيني اوڻاين جي باوجود به سنڌ جي مطالعي جي سلسلي ۾ اميد آهي ته ڊاڪٽر شمل جو هي ڪتاب وڏي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. اڇي سفيد ڪاغذ، پڪي جلدبندي ۽ من موهيندڙ لونگي ڪور سان "پلس فرام دي انڊس" جي قيمت سوا سؤ رپيا آهي، جيڪا مناسب نه آهي ته گهٽ به ڪانهي!

-غلام محمد لاکو

## (۳) تذڪره مشاهير سنڌ (جلد ٽيون)

سنڌي ادبي بورڊ جي اشاعتي سلسلي جو هي ڪتاب ۱۹۸۶ع ۾ شايع ٿيو آهي. ياد رهي ته مذڪوره ڪتاب مولانا دين محمد وفائي مرحوم جي تاليف ڪيل "تذڪره مشاهير سنڌ" سلسلي جو ٽيون جلد آهي. ٻه جلد هن کان اڳ ۱۹۷۴ع ۽ ۱۹۸۵ع ۾ ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهن. پهرين ٻن جلدن ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ ۲۹۴ شخصيتن جو احوال اچي چڪو آهي. هن ٽئين جلد ۾ ۱۴۸ مشاهير جي حياتي جو احوال آيل آهي. اهڙيءَ طرح جملي ۴۴۲ شخصيتن کي "تذڪره مشاهير سنڌ" ذريعي لروار ڪيو ويو آهي.

مرحوم مولانا صاحب ۱۸- اپريل ۱۹۵۰ع تي وفات ڪئي، ۽ وفات کان اندازا ٻه سال اڳ (تاريخ ۱۸- جون ۱۹۴۸ع) هن مسودي کي مڪمل ڪيائين. مولانا صاحب جو شمار سنڌ جي انهن بزرگ شخصيتن ۾ آهي، جن ويهين صدي جي شروع ۾ ديني، علمي، ادبي، سياسي، سماجي، معاشرتي ۽ اصلاحي تحريڪن ۾ انقلابي انداز سان ڀرپور حصو ورتو؛ خصوصيت سان اخبار الوحيد، جنهن سان مولانا صاحب جو ٽيويهن سالن تائين رشتو قائم رهيو. انهن مصروفيتن جي باوجود مولانا صاحب ويهارو کن ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان "تذڪره مشاهير سنڌ" به قابل ذڪر آهي.

"تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ آيل مواد سنڌ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي تاريخ مرتب ڪرڻ ۾ بنيادي پٿر جو ڪم ڏيندو.

ڪتاب جي سائيز ڊيمي (۱۸×۲۳×۸)، صفحا ۳۶۰، ٻن قسمن جي ڪاغذ تي ڇپيل آهي. سادو ڪاغذ قيمت ۴۰ رپيا ۽ اڇو ڪاغذ ۴۵ رپين ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي بڪ اسٽال تان ملي سگهندو.

-شيخ محمد اسماعيل

## (۴) مهراڻ نقش (اردو)

مصنف ڊاڪٽر وفا راشدي، ص ۲۲۲، سائيز ڊيمي، قيمت پنجاهه رپيا، ناشر مڪتبه اشاعت اردو، ڪراچي ۱۹۸۶ع.

سنڌ ۾ اردو شعر جو رواج مغل دور کان ڏسجي ٿو. انگريزن جي دور ۾ هڪ طرف اسان جن عالمن ۽ شاعرن هن زبان طرف توجه ڏنو، بلڪ رياست خيرپور جي ميرن هن بوليءَ جي شعر ۽ سخن جي خوب آبياري ڪئي. پاڪستان ٺهڻ بعد هيءَ زبان هتان جي واحد سرڪاري ٻولي طور نمودار ٿي. هن سبب صورتحال يڪسر تبديل ٿي. سنڌي علم-ادب جي خادمن پاڪستان جي ٻين مقامي ٻولين سان گڏ پنهنجي زبان جي جائز مان ۽ مرتبي لاءِ جدوجهد ڪئي. جڏهن اردو اديبن صرف ۽ صرف اردو زبان جي افاديت تي زور ڏنو. ون يونٽ ٽٽڻ بعد هڪ ڀيرو وري ادبي ۽ لساني صورتحال ڪي آهستي آهستي تبديل ڪرڻ شروع ڪيو. آخرڪار اردو زبان جي ڪجهه عالمن، شاعرن ۽ اديبن-سنڌ جي تاريخ، صوفين، زبان، ادب ۽ ڪلچر ڪي، پنهنجي حلقي سان روشناس ڪرائڻ طرف ڌيان ڏنو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر ايوب قادري مرحوم، مولانا اعجازالحق قدوسي مرحوم، الياس عشقي صاحب ۽ ڊاڪٽر وفا راشدي جا نالا قابل ذڪر آهن.

تبصري هيٺ آيل ڪتاب "مهراڻ نقش" ان سلسلي جي تازي ڪڙي آهي. ڊاڪٽر وفا راشدي مهراڻ جي ماٿر ۾ سال ۱۹۵۲ع ڌاري قدم رکيو. ابتدا ۾ سندس مطالعي جو محور بنگال هو، ليڪن بعد ۾ سندس نظر انتخاب سنڌ تي پئي. گذريل ڪجهه سالن کان پاڻ سنڌي علم-ادب کي اردو زبان ذريعي پاڪستان تائين متعارف ڪرائڻ جي ڏس ۾ سوين مضمون لکيا اٿس. سندن ڊاڪٽوريٽ جو موضوع پڻ سنڌ ۽ اردو زبان سان متصل آهي. کيس سنڌ جي جليل القدر عالمن مرحوم مخدوم امير احمد ۽ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي صحبت به نصيب رهي آهي.

"مهراڻ نقش" ڪتاب جو پيش لفظ اسان جن ناليرن عالمن ۽ اديبن ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر اياز قادري تحرير ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل پاويهه مضمون ۽ مقالا آهن، جن کي چئن نقشن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. نقش اول سنڌي ادب متعلق آهي. هن ۾ ٽي مقالا آهن، جن ذريعي سنڌي ادب جو سرسري جائزو ۽ شاهه لطيف بابت خيال آرائي ڪيل آهي.

ذوالفقار راشدي مرحوم جي ڪتاب ۾ ”احوال اڏو ڳابرا“ هيٺ ليک پنهنجا ويچار ڪسوٽيءَ بابت پيش ڪيا آهن. ان کان سواءِ ان ۾ محترمه ماهتاب محبوب جي ڪهاڻين جو اپياس ۽ محترمه نورالهديٰ شاهه جي ڪتاب جلاوطن جي ٽيڪا لکي اٿائين. شاعريءَ بابت سندس مضمون آهن شاعري ۽ موسيقي جو ميل، نياز همايوني جي شاعريءَ جي تڪ تور ”ڪنڊا ڪوڏ گل ۽ گونج“ جي سري سان، بلوچي شاعري ۽ لوڪ ادب، چنڊچاڻ جي عنوان سان هڪ ادبي بحث، سوجهري جي جدا جدا اشاعتن سان گڏ ڪري ان تي پنهنجا ويچار پيش ڪيا اٿئين. سنڌي طوطي نامي بابت راشدي صاحب جو تحقيقي مضمون پڻ ڪتاب ۾ شامل آهي. ان کان سواءِ ناز سنائيءَ جو مرحوم راشدي کان ڪافي اڳ ورتل انٽرويو پڻ ڪتاب ۾ ڇپيل آهي.

هڪ سؤ سٺ صفحن جي هن ڪتاب جو سرورق فتاح هالپوٽي جي ذوق جو آئيندار آهي. ڪتاب کي سگهند ڪتاب گهر لاڙڪاڻي وارن ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڇپائيندڙ زيب سنڌي پاڻ قلمڪار آهي ۽ ان سان گڏ ڪتاب کي سهڻو ڪري ڇپائڻ جو تجربو پڻ ڪافي اٿس.

مان ليک جي انهن خيالن سان اتفاق ڪريان ٿو ته ”هن ڪتاب ۾ ڪجهه نوان ته ڪجهه پراڻا مضمون گڏ ڪيل آهن، مگر انهن مان مرحوم جي پنهنجيءَ جاءِ تي اوتري ئي اهميت (مگر ڪٿي ڪٿي ته اجا به مٿي) آهي، جيتري انهن جي ٻيريائين لکڻ ۽ ڇپجڻ وقت هئي.“

ڪسوٽيءَ جي پهرئين مضمون ”نرم لهجي جي ڪهاڻي ماهتاب محبوب“ ۾ راشدي صاحب مصنفه جي شخصيت، فن ۽ زبان لاءِ پنهنجا ۽ ٻين اديبن جا ويچار پيش ڪيا آهن. ماهتاب محبوب هڪ سڃاڻ ليک آهي، جنهن جو نالو ئي ڪنهن ڪتاب (خواهه اهو ڪهاڻين جو هجي خواهه سفرنامو) جي بهتر هئڻ جي سند آهي. هن مضمون ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتابن وغيره جو پورو توصيفي جائزو ورتل آهي. تنقيدنگار دعويٰ سان لکيو آهي ته ”سنڌي ساهت/ڪهاڻيءَ جو ڪو ڳهٽڳهرو ماهتاب جون ڪهاڻيون پڙهي پنهنجي زبان تازي ڪري سگهي ٿو.“

محترمه نورالهديٰ شاهه جي ڪتاب ”جلاوطن تي ٽيڪا ٽپي“ ڪسوٽيءَ جو ٻيو مضمون آهي. محترم تنقيدنگار کي هن ڪتاب ۾ ڪا خوبي نظر ڪانه آئي آهي، جنهن جو وستار ڪري. اهي سماج جا ناسور، جي رِسندا رهن ٿا، انهن جي نشاندهي ڪرڻ کي عيب شمار ڪري راشدي صاحب پنهنجي قلم جو زور ڏيکاريو آهي. هن مضمون کان پوءِ نورالهديٰ شاهه جا ٻه خط مٿين تنقيد جي سلسلي ۾ ڏنل آهن، جن مان جلاوطن جي مصنف جي اعليٰ ظرفي صاف ظاهر آهي. ائين معلوم ٿئي ٿو ته فاضل مصنفه مٿينءَ تنقيد کي تنقيد ئي رهڻ ڏنو آهي، ۽ ڪيس ذاتي رنجش جو سبب ڪين بنايو اٿين.

”شاعري ۽ موسيقي جو ميل“ حقيقت ۾ ٻن خوبصورت فنن جو سنگم آهي. ان ڳالهه جي نشاندهي ڪسوٽي جي مٿينءَ مضمون ۾ پليءَ پت ڪيل آهي.

تنقيدنگار (ذوالفقار راشديءَ) وٽ ڪنهن اديب/شاعر جو ڪنهن متي/آدرش سان جانبدار (Committed) رهڻ هڪ ادبي گناهه هو، ان ڪري باوجود شعري خوبين جي هر اهو شعر جو ڪنهن نه ڪنهن متي (مذهبي، سياسي يا آدرشي) سان وابسته هو، تنقيد جو نشانو بڻيو.

